

ماهوار

# سوجهرو



امداد
۽ سحر امداد
ساڻ ادبي رهاڻ





سونهن جو شاعر
نواز خان زئور

ٽرجي واريءَ مان بجلي
ولي محمد راهمون

سنڌ جا اصل رهاڪو
ڪرل ۽ سنٿال

•

۽ ٻيو
گهڻو ڪجهه



تعليم ۽ سياست گڏ نٿا هلي سگهن. مظفر علي شاهه جا ويچار

# سونهن جا ساٿي

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
عمران لغاري
شبينه بلوچ
عباس کوسو
تاج جکراڻي

ايل ايم سي ڄامشورو
جمشيد ميمڻ
شازيه عزيز

زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام
رميش ڪمار وي لاڪاڻي
شاهده پنهور
علي اظهار

شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور
ضمير لاشاري

پي ايم سي نوابشاهه
روشني کتري

مهراڻ انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهه
شوڪت علي سميجو

ايس ايم سي ڪراچي
هند لعل کتري
شولعل مالي

زرعي يونيورسٽي فيصل آباد
محمد يوسف مگريو

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# سونهن

هٿان ڪٿي هٿ، جن رکيو سي رسيون،
ساڄن سونهن سُرت ، وِکان ئي ويجهو گهٽو .

ايڊيٽر

سيد سردار

ايڊيٽورل بورڊ

قاسم سومرو
ارشاد ڀٽي
اسلم پنهيار

صلاحڪار بورڊ

پروفيسر مشتاق ميرائي.
ڊاڪٽر محمّد علي شاهه.
مختيار انڙ
محمّد صالح چنا

ڪمرشل مئنيجر

گل هنڱورجو

سرڪيوليشن مئنيجر

سجاد ساقي

ٻانهن ٻيلي

عباس بلوچ
رفيق چنھ
علي محمّد پنهور
جاويد لاڙڪ

ملهه: 10 روپيه

ڪمپيوٽر آپريٽر: رياض حسين سومرو.

## سٽاءُ

. ايڊيٽوريل
1 . وي. سيءَ جو انٽرويو.
2 . ڪول ۽ سنٿال
3 . علم جا مقصد
4 . ڪئمپس ڪالم
5 . ولي محمّد راهمون جي ٿيسز
6 . آدرشي يونيورسٽي
7 . امداد ۽ سحرامداد سان ادبي رهاڻ
8 . روسي ٻولي
9 . هڪ رولاڪ جي ڊائري.
10. شاهه جي شاعري
11. حليم باغي سنڌ يونيورسٽي ۾
12. سروي
13. ڪهاڻيون
14. ڪوي ڪوتا ڪاڪ جو
15. ڪوتا ڪاڪ.
16سنڌ جا سرموڙ شاعر

ايڊريس: سنڌائتي "سونهن" P.O مهراڻ يونيورسٽي، ڄامشورو سنڌ.

ٽائيٽل ڊزائينگ، ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ، لي آئوٽ ۽ پرنٽنگ: آرٽ ڪميونيڪيشنز شمس چيمبر فرسٽ فلور رسالہ روڊ

سنڌي ادبي سنگت، مهراڻ يونيورسٽي

# WITH BEST COMPLIMENTS

*Syed Ghalib Ali Shah*

Executive Engineer

Education Works Hyderabad

# سنڌ جا پهريان رهواسي ڪول ۽ سنٿال

مختيار انڙ
مهراڻ يونيورسٽي

> هيءُ اهو دؤر هو جڏهن ڌرتيءَ تي وسندڙ انسانن جو تعداد آڱرين تي ڳڻڻ جيترو مس هو، انهيءَ ئي دؤر ۾ هماليه جبل طرف وڏا وڏا زلزلا آيا جنهن ڪري ڌرتيءَ جو مٿاڇرو مٿاهون ٿيڻ لڳو، ۽ سمنڊ آهستي آهستي پوئتي هٽندو ويو. ويتر جو خوفناڪ طوفان ۽ جهڪون لڳيون، پلرجي پالوٽ وڏي ۽ وڏڦڙي واڪا ڪيا تنهن زمين کي سرسبز ۽ ساوو بنائي ڇڏيو ۽ ڌرتيءَ جو هي عظيم خطو پنهنجي زرخيزيءَ سببان ڌرتيءَ جو بهشت سڏجڻ لڳو

اڄ کان ڪئين جڳ اڳ اسان جي سونهاري سنڌ "ٽيٿيا" (Tethya) نالي هڪ سمنڊ جي تري منجهه هئي انهيءَ سمنڊ جي ڇولين ۽ ويرن جي رسائي هماليه جبل تائين هئي. هيءَ ڳالهه آهي جيالاجيءَ جي ٽئين دؤر (Tertiaryagc) جي، جڏهن زمين جي گولي جو گهڻو حصو برفاني ڇپن ۽ پاڻيءَ سان ڍڪيل هو ۽ فقط ڪي ٿورڙا مٿاهان جابلو علائقا پاڻيءَ کان آجا هئا جتي خشڪيءَ جي جانورن ۽ قديم دؤر جي انسانن جي جيوت جا ملڪا ملڪا اهڃاڻ نظر اچي رهيا هئا. ان دور جي انسان ايجا شڪار لاءِ تيز اوزار ٺاهڻ، رهڻ لاءِ گهرن اڏڻ ۽ پنهنجي انگ ڍڪڻ لاءِ ڪپڙن اڻڻ جو فن نہ سکيو هو. هو برسات، سيءَ اُس ۽ خوفناڪ جهنگلي جانورن کان بچاءَ لاءِ جبلن جي غارن ۽ ڇرن ۾ پنهنجي جيون جا ڏکيا ڏهاڙا پيا گذاريندا هئا. هيءَ اهو دؤر هو جڏهن ڌرتيءَ تي وسندڙ انسانن جو تعداد آڱرين تي ڳڻڻ جيترو مس هو، انهيءَ ئي دؤر ۾ هماليہ جبل طرف وڏا وڏا زلزلا آيا جنهن ڪري ڌرتيءَ جو مٿاڇرو مٿاهون ٿيڻ لڳو ۽ سمنڊ آهستي آهستي پوئتي هٽندو ويو. ويتر جو خوفناڪ طوفان ۽ جهڪون لڳيون، پلرجي پالوٽ وڏي ۽ وڏڦڙي واڪا ڪيا تنهن زمين کي سرسبز ۽ ساوو بنائي ڇڏيو ۽ ڌرتيءَ جو هي عظيم خطو پنهنجي زرخيزيءَ سببان ڌرتيءَ جو بهشت سڏجڻ لڳو. مثال طور Elliot history of India جو مصنف ائين جلد ۾ عرب مؤرخ عبدالله واصف جي حوالي سان لکي ٿو تہ.

It is asserted that Paradise is in India, be not surprised, because paradise itself is not comparable to it.

قديم سنڌ جون حدون موجوده سنڌ کان گهڻو بلڪ تمام گهڻو وسيع هيون. جنت السنڌ جو مصنف مولائي شيدائي لکي ٿو تہ، "قديم زماني ۾ سنڌ حڪومت جون حدون اتر ۾ جهلم درياءَ تائين هيون ۽ ڪشمير جا هيٺيان ضلعا بہ ان ۾ شامل هئا. اتر ۾ درياءُ هيلمند ان جي حد بندي ڪندو هو ڏکڻ الهندي ۾ سندس سرحد مڪران جي الهندي ۾ نور منشور تائين پکڙيل هئي. ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ هئس ۽ ڏکڻ ايرندي ۾ راجپوتانہ ۽ جيسلمير جي ريگستان ۾ ڪٿي وڃي ٿي ختم ٿي. گويا هاڻوڪو سمورو پاڪستان سنڌ اندر هو"

خود لفظ "سنڌ" جي وسعت پنهنجي معنيٰ ۽ مطلب جي لحاظ کان سنڌ جي جاگرافيائي سرحدن کان گهڻي وسيع ۽ ڪشادي آهي. لغت جا ماهر چون ٿا تہ لفظ "سنڌ" ۽ "هند" اصل ۾ هڪ ئي لفظ آهي ۽ لفظ "هندستان" جي معنيٰ آهي "سنڌو نديءَ وارو ملڪ" انهيءَ جي وضاحت ڪاڪي ڀيرومل مهر چند آڏوانيءَ پنهنجي ڪتاب "قديم سنڌ" ۾ نهايت چٽيءَ طرح ڪئي آهي. پاڻ لکي ٿو تہ، "رگويد واري زماني ۾ آريا ايران واري واٽ وٺي جڏهن سنڌ ۾ پهتا تہ پاڻيءَ جي سهنج ڪري سنڌونديءَ ۽ ان جي پرتي ڪندڙ شاخن کي اچي والاري ويٺا. هنن سيني هنڌن جي رهاڪن کي گڏي "سنڌو" سڏيو پر اچار ڦيرائي ڪيائون "هندو" ڇاڪاڻ جو ايراني ماڻهو عام طور تي "س" بدران "هہ" زبان تي آڻيندا آهن. آريا جيئن تہ سنڌو ماٿريءَ کان پري ڪو نہ ويا هئا، ان ڪري هنن جيترو بہ ملڪ ڏٺو تنهن کي "هندستان" يعني سنڌو نديءَ وارو ملڪ سڏيائون.

هن عظيم ماٿريءَ جا اصل رهاڪو ڪير هئا؟ ڪٿان آيا هئا؟ ۽ ڪڏهن آيا هئا؟ هي اهڙا سوال آهن جن جو ڪو پڪو ۽ پختو جواب ڏيڻ بنهہ محال آهي البت ايتري پروڙ ضرور پيئي آهي تہ نندي ڪنڌ ۾ رهندڙ قديم ۾ قديم لوڪ هاڻوڪن سنٿالن، ڀيلن ۽ منڊلوڪن جا ابا ڏاڏا هئا. جڏهن ٢٣-١٩٢٢ع ۾ سرجان مارشل جي نگرانيءَ ۾ موئن جي دڙي جي کوٽائي شروع ٿي تہ اتان ڪجهہ ڪولن ۽ سنٿالن جا مڙهہ بہ مليا. انهيءَ ڪري شايد اهي "ڪول ۽ سنٿال" ئي سنڌ جا اصل رهاڪو آهن. سنڌ جي هنن قديم لوڪن جي باري ۾ اڪثر اها راءِ آهي تہ هو اصل ۾ آسٽريليا جا رهواسي هئا ۽ چين کان ٿيندا سنڌ ۽ نندي ڪنڌ جي ٻين علائقن تائين پهتا پر مشهور معلوماتي ڪتاب New book of knowledge جي ١٩٨٦ع واري ڇاپي ۾ پهرئين ئي جلد ۾ آسٽريليا جي اصلوڪن رهواسين بابت لکيل آهي تہ هو اصل ۾ هندستان يعني سنڌو ماٿريءَ جا ئي رواسي هئا ۽ پوءِ سنڌ مان مختلف ملڪن ڏانهن لڏپلاڻ ڪيائون. هيءَ هڪ تحقيق طلب نقطو آهي ۽ اسان جي محققن ۽ آثار قديمہ جي ماهرن کي هن سلسلي ۾ پنهنجون جوابداريون نڀائڻ

ڪپن.

ڪول ۽ سنٿال جنهن وقت سنڌ ۾ پهريون پيرو آباد ٿيا هئا، اهو "جهوني پٿر وارو زمانو" هو سنڌ جا اڪثر علائقا پاڻيءَ هيٺ هئا ۽ فقط اولاهون ڪوهستاني ياڳو پاڻيءَ جي پهچ کان مٿيرو هو. ٻين لفظن ۾ چئي سگهجي ٿو ته سيوهڻ وارو علائقو ئي سنڌ جي قديم سڀيتا جو مرڪز ۽ محور هو. ميجر جنرل ڪننگهام Geography of ancient India جي صفحي ٢٦٤ ۽ ٢٦٦ ۾ بحث ڪندي پنهنجو رايو ڏئي ٿو ته، "جيئن ته سيوهڻ هڪ مٿاهين ٽڪريءَ تي آهي ۽ بغل ۾ منڇر ڍنڍ اٿس ان ڪري پاڻيءَ ۽ ڪاڏي پيٽي جي سولائيءَ سببان سنڌ جي پهرين رهاڪن جو ڌيان لازمي طرح انهيءَ پاسي ڇڪيو هوندو.

اڄ به سنڌ جي انهيءَ جابلو علائقي ۾ اسان جي جهونن ابن ڏاڏن جا مڙهه مقام ۽ اهڃاڻ موجود آهن خاص طور تي لڪيءَ جي جبلن ۾ سنڌ جي اصل وارثن جا ماڳ مڪان ۽ پنڌ پهڻ ڳولي سگهجن ٿا. لڪيءَ جي جبلن ۾ ڪوسي پاڻيءَ جي چشمن کان جيڪڏهن ٿورو اڳتي وڃبو ته اتي ڪجهه جهوني جڳ جون غارون نظر اينديون جن بابت عام رايو آهي ته انهن ۾ سنڌ جا اصوڪا رهواسي پنهنجي جيون جون گهڙيون گهاريندا هئا. انهيءَ زماني جي هڪ غار سيوهڻ شريف کان سڏ پنڌ تي "ايڪ ٿنيو" يا "هڪ ٿنيو" جي نالي سان مشهور آهي انهيءَ غار جي باري ۾ ماهرن جي راءِ آهي ته منجهس قديم زماني جا ماڻهو رهندا هئا. لڪيءَ جي جبلن ۾ قديم زماني جون ڪجهه پراسرار قبرون پڻ موجود آهن جن کي عام ماڻهو "ڪافرن جون قبرون" ڪوٺين ٿا. اهي قبرون پندرهن ويهه فوٽ ڊگهيون، اٺ نو فوٽ ويڪريون ۽ اٽڪل ٻه فوٽ اوچيون آهن. ڪاڪي ڀيرومل جي راءِ ۾ شايد اهي قبرون به ڪولن ۽ سنٿالن جون هجن روزانه عبرت حيدرآباد ۾ تاريخ ٥ جنوري١٩٨٤ع تي هڪ خبر ڇپي هئي، "دادو ضلعي ۾ قومي پارڪ وٽ ڪوهه تراش واري هنڌ تي هڪ قديمي شهر لڌو ويو آهي جيڪو پاڪستان ۽ آمريڪا جي آثار قديمه جي ماهرن ڳولي لڌو آهي" خبر ۾ وڌيڪ ڇپيو ويو هو ته "اهو شهر موهن جي دڙي کان به گهڻو اڳ آباد هو. انهيءَ جاءِ تي اعليٰ قسم جا آبپاشيءَ جا تلاءُ پٿر جا ناهيل اوزار هڪ قديمي قبرستان ۽ مقبرا به لڌا آهن."

افسوس جو انهيءَ خبر ڇپجڻ کان هيل تائين انهيءَ شهر بابت ڪا به کوجنا نه ڪئي وئي آهي ته اهو شهر موهن جي دڙي کان ڪيترو اڳ اباد ٿيو هو ۽ انهيءَ شهر جي رهواسين جون ريتون رسمون ڪهڙيون هيون. ٿي سگهي ٿو ته اهو شهر ڪولن ۽ سنٿالن کان پوءِ آباد ٿيو هجي. بهرحال هاڻي اها ڳالهه ثبوت کي پهچي چڪي آهي ته قديم زماني ۾ سنڌ جو ڪوهستاني علائقو سنڌ جي ٻين علائقن کان وڌيڪ وسيل ۽ انساني آبادين سان ڳتيل هو پٿر جي جهوني زماني جي سنڌي ماڻهن جي ڪجهه اهڃاڻن جو ذڪر ڊاڪٽر ايڇ ٽي لئمبرڪ پڻ ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته، "سنڌ ۾ جهوني ۾ جهوني انساني وسنديءَ جا اهڃاڻ پٿر جي اڻ گهڙيل اوزارن جي شڪل ۾ ڏٺا ويا آهن پهريائين اهي اوزار روهڙيءَ ويجهو چن جي پٿر جي ٽڪرن تي ڏٺا ويا هئا ۽ پوءِ اتان کان ٢٥٠ ميل ڏکڻ طرف ڪراچيءَ جي ايرندي ڪپ تي واگهي در وٽ پڻ اهڙا اوزار سڃاتا ويا آهن." افسوس هيءُ آهي ته اسان پنهنجي قديم سڀيتا ۽ عظيم ثقافت جا اهڃاڻ حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي تاريخ محفوظ ڪرڻ ۾ بي انتها غفلت جو مظاهرو ڪري رهيا آهيون جيڪڏهن سنڌ جي چپي چپي ۾ موجود سنڌ جي قديم ماڳن ۽ آثارن جي کوجنا ڪئي وڃي ته ڪئين تاريخي حقيقتون سامهون اچي سگهن ٿيون ۽ اسان جي عظيم ثقافت جا ڪئين لڪل گوشا ظاهر ٿي سگهن ٿا. جيڪي سموري دنيا ۾ اسان جو ڳاٽ اوچو ڪري سگهن ٿا. سڀ کان وڏي ستم ظريفي ته هيءَ آهي ته اسان جي تاريخ جو قلم هميشه ڌارين جي هٿن ۾ رهيو آهي جن اسان جي عظيم تاريخ کي لوٽڻ ۽ اسان جي ثقافت کي مٽائڻ ۾ ڪا به ڪسر باقي نه ڇڏي آهي قديم زماني ۾ جڏهن آرين سنڌ تي پنهنجا قدم ڄمايا ۽ هتان جي اصلوڪن رهواسين کي پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي غلام واري زندگي گهارڻ تي مجبور ڪيو ته نه فقط سنڌن حق غصب ڪيائون بلڪه ڌرمي ڪتابن ۾ ڪين ٻڇڙن نالن سان سڏيائون قديم سنڌ ۾ ڪولن ۽ سنٿالن سان گڏ منڊلوڪ پڻ آباد هئا. سنسڪرت ۾ "منڊ" لفظ جون ٻه معنائون آهن:

(١) گهٽ ذات وارو يا نيچ ۽ (٢) مڏو، جڏو يا نود ساڳيءَ طرح "ڪول" جي سنسڪرت ۾ معنيٰ آهي "جهنگلي يا اڻ سڌريل" انهن اکرن مان هر ڪو پاڻ سمجهي سگهي ٿو ته آرين کي هنن قديم لوڪن سان ڪيتري نه نفرت هئي. هونئن به هڪ ڌارين فاتح قوم جا، هڪ مظلوم ۽ غلام قوم لاءِ ڀيا ڀلا ڪهڙا تاثرات ٿي سگهن ٿا.

جيتوڻيڪ ڪول ۽ سنٿال اڻ سڌريل زماني جا انسان هئا پر جيترو اڻ سڌريل کين آرين سڏيو آهي، اوترا اڻ سڌريل هو اصل ڪين هئا. هنن جي پنهنجي هڪ ٻولي هئي جنهن جو سنسڪرت تي تمام گهرو اثر پيو هو شڪار ڪرڻ ۽ مڇي مارڻ جي فن ۾ ڀڙ هوندا هئا ۽ سندن مقابلو ڪير به نه ڪري سگهندو هو وڏي ڳالهه ته هو ڳڻپ جي فن کان واقف هئا ۽ حساب ڪتاب جا ماهر هئا. هو هٿن ۽ پيرن جي مجموعي تعداد (ويهه) کي ڳڻپ جو بنيادي ايڪو تصور ڪندا هئا يعني ويهه ويهه ڪري ڳڻيندا هئا. ڪولن ۽ سنٿالن جو ڳڻپ جو اهو سرشتو اڄ تائين اسان جي ٻهراڙين ۾ رائج آهي ۽ اڄ به اهو پهاڪو مشهور آهي ته، "جهڙي سٺ تهڙيون ٽي ويهون" سڄي دنيا ۾ ڳڻپ جو هي پهريون سائنسي سرشتو هو، جيڪو سنڌ کان سڄي دنيا سکيو ڏهائي سرشتي جو رواج گهڻو پوءِ آرين متعارف ڪرايو.

هڪ باشعور سنڌيءَ جي حيثيت سان اسان سڀني سنڌ واسين جو فرض آهي ته پنهنجي تاريخ ۽ ثقافت کي بچائڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري اچون ڇاڪاڻ جو دنيا ۾ فقط اهيئي قومون پنهنجي بقا برقرار رکي سگهنديون آهن جن جي تاريخ ۽ ثقافت سلامت رهندي آهي.

\\\\\\\\\\\\\\\\\\\\\\\\

ڪردار جو امتحان آهي."


انساني صلاحيتون مختلف قسمن جو هونديون آهن ۽ هر طرح جون صلاحيتون سماجي لحاظ کان قيمتي هونديون آهن هر هڪ فرد جي مخصوص صلاحيت تلاش ڪري اڀارڻ کهرجي.

تعليم لاءِ سرمائي ڪاري

اڪيدا: بدقسمتي سان گهڻن ملڪن ۾ تعليم حڪومت جي انتظام هيٺ آهي ۽ انهن اصولن جي پابند آهي جيڪي حڪومت جي مقصدن جي پوئواري ڪندڙ هجن. علم ۽ تحقيق جو، جيڪي تعليم جا سرچشما آهن خاص طور تي رياست جي ضرورتن سان گهاٽو تعلق هوندو آهي ڇو ته حڪومت جي ڪثير/ گهڻي مالي امداد ڪانسواءِ، جنهن جي تحقيق جي اڻ کٽندڙ ميدان ۾ گهڻي ضروت هوندي آهي، ان کي پورو/مڪمل ڪرڻ ناممڪن هوندو آهي.قومي دلچسپي سان لاڳاپيل مضمونن Subjects ۾ سرمايو مهيا ٿي ويندو آهي ۽ تحقيق جا نتيجا به بهترين نڪرندا آهن پر نامناسب رويو ته اتي موجود آهي جتي مضمونن جو سڌو سنئون تعلق قومي مفادن سان ناهي هوندو يا عالمن ۽ حڪومت جي خيالن ۾ اختلاف هوندا آهن علم ۽ تحقيق جي دنيا جو اهو مزاج/ رويو سڌوسنئون تعليمي دنيا تي اثرانداز ٿيندو آهي جتي قومي مفادن سان لاڳاپيل مضمونن تي توجهه ڏنو ويندو آهي ۽ ٻين کي نظر انداز ڪيو ويندو آهي.

ٿوائن بي: اها تمام نامناسب ڳالهه آهي ته تعليم لاءِ سرمايو، انتظام ۽ هدايتن تي رياست جي اجاراداري/ هڪ هٽي هجي ڇاڪاڻ ته رياست مطالعي جي انهن رجحانن کي وڌائڻ جو ڪوششون ڪندي آهي جيڪا ان جي قوت/طاقت کي وڌائي سگهن ان سان گڏوگڏ رياست اهڙي تعليم ۾ جيڪا ان جي انتظام هيٺ هوندي آهي ۽ جنهن جا اخراجات/خرچا هو مهيا ڪندي / پريندي آهي اهڙيون نظرياتي تبديليون آڻيندي جنهن جي مدد سان شاگردن کي به انتظاميا جي نظريئي جو حامي بڻايو وڃي.

سرڪاري خرچن تي ٻڌل گهٽ قيمت واري تعليم جا ڪجهه فائدا به آهن مثلن اها



سيني ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي هڪ جيترا موقعا مهيا/فراهم ڪندي آهي. اڄ برطانيا انهن چند ملڪن منجهان هڪ آهي جتي غريب خاندانن جا ٻار پنهنجي بهترين تعليم لاءِ گهٽ قيمت واري سرڪاري تعليم جا شڪرگذار آهن.

اڪيدا: يقينن هڪ جيتريون تعليم سهولتن جي نقطي نگاهه کان حڪومت يا خودمختيار عوامي ادارن جي مالي مدد/سهائتا اٽر/ناگزير آهي ڇاڪاڻ ته ماڻهون عام طور تي تعليمي ادارن جي خرچن جو بار کڻڻ جا قابل ناهن هوندا پر ان بابت تعليم ڇا ۽ ڪهڙي هجي ۾ ڪنهن به دخل اندازي جي اجازت نه هئڻ گهرجي ۽ تعليم کي ڪنهن خاص رخ ڏانهن موڙڻ جي ڪا به اٽسڌي ڪوشش نه ڪرڻ گهرجي. اسانجو مسئلو هي آهي ته اسان کي مالي سهائتا/مدد جو هڪ اهڙو منصوبو ٺاهڻو آهي جيڪو تعليم تي ناجائز دٻاءُ جي خطري کي اڳتي نه وڌائي.

ٿوائن بي: برطانيا ۾ پهرين جنگ عظيم کانپوءِ اسان اهڙيون نيم سرڪاري ڪارپورشنون بڻايون /جوڙيون آهن جنهن کي سرمايو عوامي فنڊ کان مهيا ڪيو ويندو آهي پر اها حڪومت جي اختيار ناهي. انهن جو انتظام آزاد بااختيار ادارن وٽ آهي. انهن مان هڪ يونيورسٽي گرانٽس ڪاميٽي آهي جيڪا برطانيا جي يونيورسٽين لاءِ سرمائي جو وڏو حصو مهيا ڪندي آهي. ان فنڊ جو تمام ٿورڙو حصو شاگردن جي فيسن ۽ نجي عطين جي ذريعي حاصل ٿيندو آهي. ان جو مقصد هي آهي ته حڪومت کي سرمائي جي ذريعي نجي عوامي ادارن جي پاليسين ۾ دخل اندازي کان روڪيو وڃي پر ايئن وقت کان اڳي ٿيندو ته يونيورسٽي گرانٽس ڪاميٽي ۽ ٻين نيم سرڪاري ادارن (مثلن برٽش براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن جيڪو اهم تعليمي ادارو آهي) جي خودمختياري جو پارليمنٽ ڪيستائين احترام ڪندي.

ظاهر آهي ته نيم سرڪاري ادارن جي منصوبابندي غير يقيني آهي اهم ڳالهه اها آهي ته تعليم کي يقيني طور تي محفوظ ۽ مستقل بنيادن تي خودمختيار بڻايو وڃي. ان لاءِ آءُ سمجهان ٿو ته ٻه ڳالهيون ضروري آهن. هڪ ته مستقل مالي عطيو جيڪو نه حڪومت ۽ نه ئي وري ڪنهن تجارتي ادارن جي انتظام هيٺ هئڻ گهرجي. ٻيو استادن ۽ تعلمي منتظمن جو اهڙو عملو جنهن جا علمي ۽ اخلاقي معيار ايڏا ته بلند هجن ته جيئن عوام سندن مڪمل طور تي حمايت ۽ عزت ڪن

اهڙا عطيا ناقابل واپسي تحفن جي ذريعي مهيا ڪري سگهجن ٿا. ان طرح جو عطيو ڏيندڙ يا ان جو وارث قانوني طور ان ڳالهه جو پابند هوندو ته هو فيصلي جي استعمال جي معاملي ۾ دخل اندازي نه ڪندو. آمريڪي نجي ادارن ۾ تعليم ۽ تحقيق جي ترقيءَ لاءِ اهو اصول اپنايو ويو آهي. زمين جي عطين جو به ساڳيو اصول آهي جيڪو رياستي يونيورسٽين ۽ ڪاليجن جي لاءِ آمريڪا ۾ آمدني جو هڪ ذريعو آهي. مستقل عطين لاءِ زمين بهترين شئي آهي ڇاڪاڻ ته زمين جي قيمت رپئي جي قيمت جي برعڪس بدلجندي آهي، روپئي جي قيمت ان وقت به گهٽ ٿيندي رهندي جڏهن افراط ذر (Inflation) پنهنجي اونچي شرح ۽ تيزي رفتاريءَ سان موجود نه هجي مون ونچسٽر ڪاليج ۾ ١٩٥٢ع ۾ جيڪو وظيفو حاصل ڪيو هو اهو ان زمين جي آمدني کان فراهم ٿيو هو جيڪا ١٣٩٥ع ۾ ڪاليج جي بانيءَ وقف ڪئي هئي.

آءُ سيني ملڪن جي تعليمي ادارن وٽ ناقابل واپسي وقف ڪيل ايتري زمين ڏسڻ چاهيان ٿو جن جي مدد سان شاگردن جي فيسن کي گهٽ ڪجي ۽ استادن جي پگهارن

# توانائي پيدا ڪرڻ جو نئون طريقو

## SAND, THERMAL, ENERGY. CONVERSION

### تعارف

پورين پورين پنن وارو ڏيهہ ٿر جتي جي ڏهرن ۾ اسان جي مستقبل جا آثار اڄ بہ سونيلي جا گل ٿي ٽڙن ٿا. جتي ڪج جي ٽڪن مان ٻاڪ جا ڪرڻا ڦٽن ٿا ۽ رات ڪهنبيءَ ۾ پنهنجي سموري معنيٰ وڃائي ويهي ٿي. انهي ٿر جي مقدر جي اماس ۾ روشنين جا اجالا آڻڻ لاءِ ڪاهوڙي ولي محمد راهمون، ڇاڇري تعلقي جي واريءَ جي وڏن وڏن ڏڙن ۾ گهيريل خوبصورت ڳوٺ جيسي جي پار ۾ ١٠ نومبر ١٩٦٥ع تي اکيون کوليون پنهنجي سموري علمي سفر ۾ هميشه امتيازي پوزيشن سان پاس ٿيندو رهيو ۽ ١٩٩٠ع ۾ ٿر جي واريءَ مان بجلي پيدا ڪرڻ واري ٿيسز سان گڏ ٻهرين پوزيشن سان مهراڻ يونيورسٽي مان B.E جي ڊگري حاصل ڪئي. ۽ اتي ئي ليڪچررشپ جوائن ڪيائين ۽ پنهنجي انهي شاندار ڪم سر انجام ڏيڻ تي ڪيترائي گولڊميڊل ۽ ايوارڊ حاصل ڪيا. هن انسٽيٽيوشن آف اليڪٽريڪل انجنيئرز پاڪستان (I.E.E.P ) طرفان پنهنجي ريسرچ ورڪ پيش ڪرڻ تي گولڊ ميڊل ۽ فرسٽ پوزيشن حاصل ڪئي. ١٩٩١ع ۾ سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن طرفان گولڊ ميڊل حاصل ڪرڻ سان گڏ ١٩٩٢ع ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن ۾ (Best graduate) گولڊميڊل پڻ حاصل ڪيو. هيستائين چار گولڊ ميڊل ۽ ٻيا ڪيترائي ايوارڊ حاصل ڪندڙ ولي محمد راهمون هن وقت سنڌ گورنميٽ ۾ اليڪٽريڪل انجنيئر طور ڪم ڪري رهيو آهي.

قاسم سومرو

ولي محمد راهمون-

مترجم: اقبال يوسف شيخ (انجنيئر)

### تعارف:

جيڪو خيال اصل ۾ اسان هتي پيش ڪري رهيا آهيون اهو آهي (Ocean thermal energy conversion otec) جتي درجہ حرارت جو تفاوت صرف $16^{\circ}C$ آهي، جڏهن تہ ٿر جي واريءَ ۽ هيٺ موجود پاڻيءَ جي درجہ حرارت جو تفاوت تقريبن $40^{\circ}C$ رهي ٿو، پر تجربيگاهن ۾ اهو پڻ مشاهدو ڪيو ويو آهي تہ اهو تفاوت ان کان اڃان گهڻو وڌيڪ ٿي سگهي ٿو.


اسان جي پراجيڪٽ جو نالو (sand thermal energy conversion - STEC) رکيو ويو آهي. هن ۾ اسان سج جي قدرتي توانائي (جيڪو قدرتي توانائي جو هن ڪائنات ۾ وڏي ۾ وڏو ۽ سستو ذريعو آهي) کي ٿر جي گرم واري ذريعي بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪريون ٿا، جيڪا پاڻي ڪڍڻ جي پڻ ڪم اچي ٿي. اسانجو هي پراجيڪٽ ان حقيقت تي مبني آهي تہ سج جا تيز ۽ گرم ڪرڻا، واريءَ جي ذرڙن کي گرمائين ٿا.

ٿر، جيڪو دنيا جو پنجون نمبر وڏو ريگستان آهي، اسان جي بجلي جي گهرج پوري ڪرڻ کان تمام گهڻو آهي. اهي سڀ شيون جيڪي اسان جي هن پراجيڪٽ کي عملي جامو پهرائي سگهن ٿيون، آساني سان دستياب بہ ٿي سگهن ٿيون.

### بنيادي اصول:

STEC سسٽم اصل ۾ هڪ ريفريجريٽر (فرج) واري اصول تي ڪم ڪري ٿو. جيئن تہ فرج ۾ بجليءَ کي استعمال ڪندي، درجہ حرارت جو تفاوت پيدا ڪري ۽ فرج کي برف کان وڌيڪ ٿڌو ڪيو ٿو وڃي. تہ اهڙيءَ طرح ئي درجہ حرارت جي تفاوت کي استعمال ڪندي، ساڳئي ئي اصول تي هلندي، اسان بجلي پيدا ڪري سگهون ٿا.

ان اصول مطابق امونيا گئس (Amo-nia gas) کي رئنڪن سائيڪل



### توانائي پيدا ڪرڻ جو نئون طريقو:

Sand thermal energy conversion

اهو اسان جو مشاهدو آهي تہ سنڌ جي نظرانداز ڪيل ضلع ٿرپارڪر جي ڪجهہ علائقن ۾ جتي بجلي تہ ٺهيو پر پيئڻ جو پاڻي بہ ميسر نہ آهي. اتي اونهاري ۾ سخت گرمي ٿئي ٿي، اتان جو درجہ حرارت $48^{\circ}C$ کان مٿي چڙهي وڃي ٿو ۽ ڪڏهن تہ $54^{\circ}C$ بہ ٿيو وڃي جيڪڏهن ٿر جي ان حصي کي هڪ مخصوص ڪاري رنگ سان رنگيو وڃي، جنهن جي قوت جذب گهٽي ۽ قوت اخراج گهٽ هجي تہ اهو درجہ حرارت $70^{\circ}C$ يا $80^{\circ}C$ کان بہ مٿي ٿي سگهي ٿو. ساڳئي ئي وقت اسان اهو بہ ڄاڻون ٿا تہ ٿر جي انهن برپٽن جي هيٺان پاڻيءَ جا وسيع ذخيرا بہ موجود آهن. جنهن جو درجہ حرارت $20^{\circ}C$ تائين هوندو آهي. اهو پاڻي زمين جي سطح کان تقريبن 80 کان 100 ميٽر هيٺ آهي.

حقيقت ۾ اسان زميني سطح ۽ پاڻي جي ذخيرن ۾ موجود، انهي درجہ حرارت جي تفاوت کي استعمال ڪريون ٿا. اها ڳالهہ بہ هر اهو ماڻهو جيڪو جنرل سائنس جي ڄاڻ رکي ٿو، ڄاڻي ٿو تہ هر ڪا گئس ٿڌي ڪرڻ سان پاڻياٺ ۾ تبديل ٿيو وڃي، پر اها خاصيت امونيا گئس ۾ ڪجهہ وڌيڪ آهي، سو اسان پنهنجي پلانٽ ۾ امونيا کي سنڌس ان خاصيت جي ڪري اهميت ڏني آهي. امونيا جي ان خاصيت ۽ درجہ حرارت جي تفاوت، ٻنهي کي استعمال ڪندي اسان پلانٽ هلائينداسين.

پال ڏاڍو خراب هو. هن سمجهيو تہ: عيسائي علم خدائي انساني نسل جي وڏي مصيبت آهي.“ هو پارتي سوچيندڙن سان مذهبي تجربي ۽ علم خدا جي سياءُ تي هم خيال آهي. ”تصوف اسان کي علم معرفت جي تجربي (جيڪو ان کي بچائيندو، يا گهٽ ۾ گهٽ ان جي يادگيريءَ کي بچائيندو) تخليق ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لاءِ رهنمائي ڪري ٿو. ڪمزوريءَ ڪانسواءِ، لفظ انهي کي نہ ٿا پهچائي سگهن، اسان لامحدوديت سان واسطيداريءَ کان واقف آهيون،۽ اسان چاهيون ٿا تہ اسان جو ڏنل ڪو بہ محدود روپ ان کي پهچائي نہ ٿو سگهي.“

اسان مذهب کي خدا سان ميل سمجهون ٿا ۽ مذهبن ۾ غير ضروري ۽ غير واسطيداري واري فرق کي خارج نہ ٿا ڪيون. اسان هڪ تفاوت ڏيکاريندڙ عالمگيريت يا بي پرواهي جي رٽ پيش نہ ٿا ڪيون. اسان مذهبن ۾ شراڪت ۾ عقيدو رکون ٿا. پروفيسر آرنالڊ ٽونبي لکي ٿو: مون ان ڳالهہ تي يقين ڪيو هو تہ عيسائيت ئي سموري سچ جي بي مثل الهام هئي. هاڻي مان ان ڳالهہ ۾ عقيدو رکان ٿو تہ سڀئي تاريخي مذهب ۽ فلسفا، سچ جي هڪ يا ٻين رخن جا جانبدار الهام آهن. مان يقين رکان ٿو تہ خصوصن ٻڌمت ۽ هندومت کي عيسائيت کي سيکارڻ لاءِ سبق آهي. اسلام ۽ جيوڊازم (يهودين جو مذهبي) ”هڪ دنيا“ ۾ آهن جن ۾ هن وقت اسان ”تفاوت جي نابوديءَ“ جي ڪري ڇڪبا وڃون ٿا. يهودين جي مذهب (جيوڊڪ) جي ابتڙ پارتي مذهب غير معمولي نہ آهن. اهي وجود جي راز ڏانهن متبادل پهچڻ جي ممڪن هجڻ جي اجازت ڏين ٿا ۽ اهو مون کي مخالفن جي انهيءَ دعوي تہ: جيوڊازم، عيسائيت ۽ اسلام بي مثل ۽ آخري الهام آهن، کان وڌيڪ سچو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هي اهو پارتي نظريو آهي جنهن مان منهنجي ڪتاب جا آخري چار جلد لکيل آهن اسان مان هر هڪ لاءِ ڪائنات جي رمز کي پرکڻ جو سولو طريقو، بيشڪ پنهنجو اباڻو مذهب آهي پر ان جو اهو مقصد ڪونهي تہ هو ٻين مذهبن جا آڇيل طريقا بيقاعدي سمجهي. جيڪڏهن ڪو انهن ۾ يا ساڳئي وقت پنهنجي عقيدي ۾ داخل ٿي سگهي ٿو تہ اهو فائدو آهي نہ ڪي نقصان.



جڏهن اسان مذهب جي بيماريءَ کان پاسو ڪنداسين تڏهن اسان کي هڪ سڌريل مذهب جي ضرورت جي پڪ ڪرڻ گهرجي. اڄ جو انسان خود ڪفيل هستي ٿي پيو آهي جيڪو ان طاقت جي سمجهہ وڃائي ويٺو آهي جيڪا هن جي فهم ۽ ضابطي کان ٻاهر آهي. اها ماڻهو ۾ ٻيج ٻاهہ جو نتيجو آهي. هن کي هن جي پوري قدوقامت ڏانهن موٽائڻ لاءِ سمجهہ ڀرئي عقيدي جي ضرورت آهي. اهڙو عقل وارو عقيدو، سائنسي روح جي مخالف نہ آهي. آئنسٽائين پنهنجي ڪتاب ”دنيا، جيئن مون ان کي ڏٺو“ ۾ لکي ٿو: ”هن جو مذهبي خيال فطرت جي ميٺ محبت واري قانون سان بي حد خوشي واري اچرج جي صورت اختيار ڪري ٿو، جيڪو ذهانت جي اهڙي اعليٰ سطح ظاهر ڪري ٿو جيڪا ان سان ڀيٽي ٿي تہ انسان ذات جي سموري سلسليوار سوچ ۽ عمل هڪ بلڪل خسيس عڪس آهي. اهو خيال هن جي زندگيءَ ۽ ڪم جو رهنما اصول آهي، ايسٽائين جو هو پنهنجو پاڻ کي خود غرضيءَ واري خواهش ۾ جڪڙجڻ کان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو. اهيو سوال ڪرڻ کان ٻاهر آهي تہ هر دور جو تمام ويجهو مذهبي ادراڪ ڪنهن حاصل ڪيو.“

يونيورسٽيءَ جي شاگردن کي اڻ ڇاڻائيءَ، نا انصافيءَ ظلم ۽ ڏپ جي خلاف جدوجهد ڪرڻ لاءِ تربيت يافتہ هئڻ گهرجي. عظيم انقلاب برطانوي، فرانسيسي، آمريڪي ۽ روسي آزادي جي ترقي جي مکيہ منزلن جي نشاندهي ڪن ٿا. انهن جا پڙاڏا دنيا جي سڀني حصن ۾ ٻڌا ويا ۽ انهن ماڻهن جي ذهن کي لوڏي ڇڏيو. اهي سڀ فرد جي پاڪيزگي، فڪر ۽ بيان جي آزادي ۽ پنهنجي اعتقاد موجب پوڄا ڪرڻ جي خاطريءَ تي ٻڌل آهن. هن لاءِ ضروري آهي تہ هو قانوني برابريءَ جي حق مان لطف اندوز ٿئي. هن کي پنهنجي سگهہ وڌائڻ جا جوڳا موقعا ملڻ گهرجن. دنيا جا ڪيترائي اهڙا حصا آهن، خصوصن ايشيا ۽ آفريڪا جتي هي آفاقي اصول مڃتا نہ ٿا ماڻن.اهڙيون قومون جن جي انقلابي اصولن ماڻهن کي اتساهيو، ائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اهي پنهنجي مڃتا جو رستو روڪي رهيون آهن.

ائين ڏسڻ ۾ پيو اچي تہ انهن اهو وساري ڇڏيو آهي تہ وقت ڪڏهن بہ هڪ جاءِ تي نہ ٿو بيهي ۽ تبديل تہ قومي ۽ بين الاقوامي انساني زندگيءَ جو ڳڻ آهي. اهو هڪ استاد جو ڪم آهي تہ شاگردن کي اهو نہ ڏئي جيڪو هو (شاگرد) چاهين ٿا پر انهن کي ان ڳالهہ تي آمده ڪري تہ هو (استاد) انهن کي ڇا ٿو ڏيڻ يا سيکارڻ چاهي.

# سائين امداد حسيني ۽ سائڻ سحر امداد سان رهاڻ

**رهاڻ رچائيندڙ: سيد سردار، عمران لغاري ، ارشاد پٽي، جاويد سحر قريشي، عبدالحفيظ جمالي.**

**سولهن: سائين سڀ کان پهريون سوال اسان اوهان کان پنهنجي زندگي جي سفر بابت پڇنداسون؟؟**

امداد: ادا... مان هڪڙي سيد فيملي ۾ جنم ورتو. ٽکڙائي ساداتن جو خاندان مشهور ادبي خاندان آهي منهنجي پيءُ جو نالو فضل محمد شاهه هوءِ منهنجي ڏاڏي جو نالو علامه اسد الله شاهه "فدا" آهي جو پاڻ به شاعر هو، اديب به هو ۽ عالم به هو جنهن جو خلافت تحريڪ ۾ وڏو رول رهيو، سياست ۾ هن جو جيڪو حصو رهيو انهي جو اندازو توهان انهي ڳالهه مان لڳائي سگهو ٿا ته عبدا سيد سنڌي ۽ سائين جي-ايم-سيد هن جا جهڙوڪر شاگرد رهيا آهن ۽ جڏهن ورهاڱي کان اڳي خلافت موومينٽ جي خلاف هڪڙن مُلن حڪومت جو پاسو کنيو ۽ خلافت موومينٽ کي Condemn ڪيو تڏهن منهنجو ڏاڏو ئي هو جو ميدان تي نڪري آيو ۽ انهيءَ تائيم تي جيڪو شهر جو قاضي هو مسلمانن ان قاضيءَ جي پٺيان نماز پڙهڻ کان انڪار ڪيو منهنجي ڏاڏي انهن کي عيد نماز پڙهائي مولاجي قدمن واري ميدان تي خود اسان جي ڳوٺ ۾ جيڪو شاعريءَ ۾ هڪ School of thought رهيو آهي مون شروعاتي تعليم ڪتاب يعني مڪتب ۾ حاصل ڪئي ۽ وڌيڪ تعليم نور محمد هاءِ اسڪول ۽ سچل سرمست ڪاليج مان حاصل ڪئي ۽ پوءِ سنڌ يونيورسٽي ۾.

اهو هو منهنجو شروعاتي سفر.

**سولهن: ميڊم توهان کان اهو ساڳيو سوال ڪنداسين ته توهان جي زندگيءَ جو سفر ڪيئن گذريو؟؟**

سحر: اسان ته Practically "سفر" جيڪو آهي سڄي سنڌ ۾ ڪيو بابا جي نوڪريءَ جي ڪري منهنجو ننڍپڻ سفر ڪندي گذريو منهنجو پيءُ بلوچ خاندان سان واسطو رکي ٿو. منهنجو ڏاڏو عبدالرحيم بلوچ اصل ميرپور ساڪري جو هو پر پوءِ پنهنجي تعليم جي ڪري ڪراچي ۾ اچي آباد ٿيو، ۽ ڪراچيءَ جو ٿي ويو. هن 1920 ڌاري ڊي. جي ڪاليج ڪراچيءَ مان گريجوئشن ڪئي ۽ پوءِ ايل ايل بي ڪيا ٿين ٽنڊي باگي جي مير غلام محمد ٽالپر هاءِ اسڪول جو پهريون ماسٽر ٿيو ۽ محمد صديق مسافر کان اچي چارج ورتائين منهنجي ڏاڏي ان دؤر ۾ منهنجين ڀڻين کي پڙهايو. ڪجهه عرصو منهنجي ڏاڏي وڪالت به ڪئي ۽ پوءِ ڪجهه سال منگرول جي نواب جو سيڪريٽري ٿي رهيو. منهنجي ڏاڏي جي پيءُ جنهن کي بابا جن ڏاڏي امان چوندا هئا، سا خلافت تحريڪ جي سرگرم ڪارڪن هئي ۽ سدائين کاڏي پائيندي هئي. منهنجو پيءُ انڊين آرمي ۾ هو، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جيل ڊپارٽمينٽ ۾ ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ ٿي رهيو. ادب ۾ اچ مان آهيان ته پنهنجي پيءُ جي همٿ افزائيءَ جي ڪري آهيان. منهنجي پيءُ کي سرڪاري نوڪري هجڻ ڪري مون سڄي سنڌ



اسان رت سنا پبليشر ڪونهن ڪو هيستائين شمشير جو نقط هڪڙو مجموعو "لاٽ" شايع ٿيو آهي، تمر شهباز جو به هڪڙوئي مجموعو شايع ٿيو آهي.

**جي حيثيت ۾ ان بابت توهان جو ڪهڙو رايو آهي؟؟**

سحر: اها Statment تہ هن ڪي سياستدان لاءِ ڏيڻ ڪپي. سياستدان ڪي پنهنجي نظريي سان Stage ڪان وٺي Torture cell تائين مڪمل وفادار رهڻ ڪپي. ڇو تہ هو خود بہ سياستدان آهي، ان ڪري سياستدان لاءِ ئي هن ڪي اهڙي Statment ڏيڻ ڪپي. اديب Statement نہ ڏيندو آهي هو يا عمل ڪندو آهي يا نہ ڪندو آهي.

**سونهن: پوءِ بہ لفظن سان Com- mittment سيني اديبن جي ذميواري آهي.**

امداد: هڪڙي هنڌ آريسر صاحب چيو آهي تہ اديب ڪي پنهنجن لفظن سان سچو هئڻ ڪپي پوءِ ڀلي هو ماڻهن سان، وطن سان، وفا ڪري، نہ ڪري، پر پنهنجي لفظن سان هو -Commit ted هجي مان سمجهان ٿو تہ هي هڪڙي پنهنجي جاءِ تي منجهيل لفاظي آهي. ۽ صحيح معنيٰ ۾ جو اديب ۽ شاعر آهي اهو ظاهر آ پنهنجن لفظن سان Committed آهي، سچو آهي هو ان ڪان Deny نہ ڪندو هن الاءِ ڪهڙي Sequence ۾ اها ڳالهہ چئي آهي؟ اسان جا سياستدان ساڳئي وقت سياستدان بہ آهن تہ ساڳئي وقت دانشور بہ آهن ۽ ساڳئي وقت اديب بہ آهن پوءِ ادب تي پنهنجا رايا ٿو ڏي. ڀائي تون هڪڙي پاسي ڏيان ڏي، سياست ۾ ئي رهو تہ وڌيڪ سٺو آهي.

**سونهن: آريسر جي اديب جي حيثيت مڃڻ کان بہ تہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي يا هو انهي حوالي کان .......؟؟**

امداد: بنيادي طور تي هو اديب ناهي هن جا سياسي ليک آهن پوءِ تہ توهان مذهبي لٽريچر جيڪو لکي تہ ان کي بہ اديب چوندو ڇا؟ نہ ....... اديب نہ چوندو، جيڪي يونيورسٽيءَ ۾ ماڻهو تحقيقون ڪن پيا ۽ مقالا لکن ٿا سي بہ اديب تہ ڪو نہ ٿيا. اهو هنن جي جاب جو حصو آهي تہ "تحقيقي" شيون لکن اهڙي نموني سان هڪڙو سياستدان آهي تہ اهو سياسي لٽريچر ڏي ۽ ان ليول جو ڏي. هاڻي تہ ان ليول

> **هڪڙي هنڌ آريسر صاحب چيو آهي تہ اديب ڪي پنهنجن لفظن سان سچو هئڻ ڪپي پوءِ ڀلي هو ماڻهن سان، وطن سان، وفا ڪري، نہ ڪري، پر پنهنجي لفظن سان هو Committed هجي مان سمجهان ٿو تہ هي هڪڙي پنهنجي جاءِ تي منجهيل لفاظي آهي. ۽ صحيح معنيٰ ۾ جو اديب ۽ شاعر آهي اهو ظاهر آ پنهنجن لفظن سان Com- mitted آهي، سچو آهي هو ان ڪان Deny نہ ڪندو هن الاءِ ڪهڙي Sequence ۾ اها ڳالهہ چئي آهي؟**

جو لٽريچر بہ نہ ٿا ڏين ۽ ادب تي راءِ جو اظهار بہ ٿا ڪن!

سحر: ادب تي Statement ٿا ڏين .........

امداد: ادب تي فتوائون ڏيڻ شروع ٿا ڪن. مان سمجهان ٿو تہ اهو صحيح ناهي. اهو تہ ائين ٿيندو جو مان هينئر ويهي سياسي بيان بازي ڪريان يا سياسي Statements ڏيان!

**سونهن: وڏن سنڌي اديبن ۾ ڳڻجندڙ ڪافي ادبي نالن مرتضيٰ ڀٽو جهڙي غير ادبي ماڻهو جي آزادي لاءِ اخباري بيان ڪڍيا آهن پر سنڌ جي هڪ نامور اديب ۽ محب وطن سياستدان سائين جي ايم سيد کي عدالت ۾ پيش نہ ڪرڻ خلاف ڪو بہ رد عمل ظاهر نہ ڪيو آهي. ان تي روشني وجهو؟؟ يا ان بابت توهان جو ڇا خيال آهي؟؟**

سحر: منهنجي خيال ۾ اهو سوال انهن اديبن کان وڃي پڇيو جن مرتضيٰ ڀٽي لاءِ Statement ڪڍي هئي.

**سونهن: تمام گهڻا نالا آهن انهن سيني ...........**

امداد: ........... بهرحال ان ۾ اسان جا نالا ڪونهي. اسان صرف اهو چئون ٿا ڀائي، هن ملڪ ۾ حق انصاف جو دور دورو هجي. نياءُ هجي انياءُ نہ ظلم ۽ بربريت نہ هجي ۽ سڀ ڪنهن کي اظهار جي آزادي هجي.

سونهن: ميڊم کان سوال آهي تہ توهان کي امداد ڪهڙي حوالي کان پسند آهي ؟ As a poet? As a Human being? As a short story writer?

سحر: As a creater

**سونهن: اهو ساڳيو سوال سائين امداد کان تہ ...........**

امداد: سحر کي مون هڪڙي دفعي Born Artist چيو هو منهنجو ڪڏهن جهيڙو بہ ٿيندو آهي هن جي نہ لکڻ تي، پر نہ لکڻ جا ڪارڻ سحر سوير توهان کي ٻڌايا. بنيادي طور سحر تخليقڪار آهي. شاعري ۾ توڙي نثر ۾ سحر جو جواب ناهي. Even زال جي حيثيت ۾ Companion جي حيثيت ۾ بہ صحيح آهي جو مون جهڙي رول ماڻهوءَ کي بہ ڀوڳي پئي!.

**سونهن: اديب جون وصفون بيان ڪريو؟؟**

امداد:- اديب بڻيءَ ۾ رجيل سون وانگر هئڻ ڪپي. جنهن ۾ ڪا ملاوٽ نہ هجي جئين منٽو آهي. منٽو ڇڪلن ۾ پيو هوندو هو، پر هن هڪڙي شيءِ توهان کي ڏني. ميراجي هو هن ڪڏهن بہ شادي نہ ڪئي. ميرا هئي پنهنجي گهر کي ڇڏي نڪري ويئي يڪتارو ڪٺي. هن شاعري ڪئي. پر بنيادي طور لطيف سائين جو ڪردار مون کي تمام گهڻو متاثر ڪندو آهي انهيءَ کي اسان کي آڏو رکڻ ڪپي. تہ لطيف سائينءَ جي واٽ تي هلون. جيڪو ڪردار لطيف سائين ادا ڪيو. مان سمجهان ٿو تہ هڪ اديب ۽ تخليقڪار جو ڪردار لطيف سائين وارو ئي هئڻ ڪپي اهو ئي ڪردار لطيف سائين وارو هجي هڪ اديب يا شاعر جو.

سحر: By all means perfect

**سونهن: ميڊم کان سوال تہ امداد سان اوهان جي پهرين ملاقات ڪٿي ٿي هئي. ۽ پهرين ڪهڙي ڳالهہ اوهان کي پسند آئي.**

سحر: اهو ڏاڍو عجيب سوال آهي (کلندي) پر مان توهان کي ٻڌايان تہ منهنجي امداد سان پهرين ملاقات ........ تنوير عباسيءَ کي دل جو دورو پيو هو. پهريائين تہ هو حيدرآباد ۾ Hospitalize هو ۽ ان کان پوءِ پنهنجي وڏي ڀاءُ جي گهر ۾ ٽڪيل هو. (بابا جي جڏهن خيرپور ۾ Posting هئي تہ تڏهن کان وٺي تنوير جي فيمليءَ سان تمام گهٽي دوستي ٿي وئي هئي. سو اسان بابا، امان ۽ مان اڪثر تنوير کي پڇڻ ويندا هئاسون. سومڪڙي ڀيري اسان وياسين تہ جيئن اسان وٽ ٿيندو آهي تہ مائين جي ڪچهري الڳ ٿيندي آهي ۽ مردن جي ڪچهري الڳ ٿيندي آهي سو ان مهل مان La-dies side تي ويٺي هئس ۽ تنوير ۽ بابا وارا لان ۾ مردن سان گڏ ويٺا هئا. تنوير عباسي ڪيڏي مهل آيو ۽ مون کي چيائين تہ "گهٽي دير زناني ڪچهري ۾ ويٺي آهين" هاڻ هل تہ (Writers ) سان ملايان، مان امي کان جهڙوڪر Permission ورتي تہ مان وڃان؟" سو اتي لان ۾ وياسين تہ امداد بہ ويٺو هو ٻيا ٻي Writers هئا بهرحال مون کي Intro-duce ڪرايائين سو پهريون ڀيرو اتي Intro-duction ٿيو ڳالهايوسين ڪجهہ بہ نہ سواءِ جيئي سنڌ چوڻ جي ڇاڪاڻ تہ انهي وقت ۾ ماحول اهڙو هو ۽ ايڏي جذباتيت هوندي هئي جو جيئي سنڌ ۽ سدا جيئي سنڌ چئي سلام ڪبو هو اهائي پهرين ملاقات هئي. هڪڙي ٻي مزيدار ڳالهہ ٻڌايان تہ پهريون ڀيرو مون سان مليو هو تہ هن "ادي سحر" ڪري مخاطب ٿيو هو. پر هاڻ چوندو آهي تہ نہ مون ادي سحر نہ چيو هو پر "دي سحر" چيو هو!

**سونهن: ميڊم کان سوال آهي زندگيءَ جي سفر جي شروعات وقت چاهت جو اظهار توهان طرفان ٿيو يا امداد جي طرف کان؟؟**

سحر: اها ڪنهن جي بہ طرف کان ڪو نہ ٿي قدرت جي طرف کان ٿي.

**سونهن: جيئن توهان ۽ ميڊيم جي Love Marrige هئي پر جيئن لطيف سائين چيو آهي تہ "ڳوليان ڳوليان م لهان، شال م ملان هوت" ڇا ملڻ کان پوءِ اها ساڳي چاهت بر قرار رهي آهي؟؟**

امداد: محتلف ڪيفيتون ٿين ٿيون ان هڪهڙي سٽ کي ڪٽي ...... امر جليل هڪڙو وڏو فلسفو ۽ نظريو پيدا ڪيو پر لطيف سائينءَ تہ اهو بہ چيو آهي تہ: "سرهي سيج پاسي پرين مرپيا

اسانجون هوءَ تہ پنهنجي پنهنجي ليکي لکيل الڳ الڳ شيون آهن سحر جون پنهنجيون لکٽيون آهن ۽ منهنجون پنهنجيون لکٽيون آهن پر ٻہ شيون اهڙيون آهن جيڪي اسانجون گڏيل لکيل آهن جن ۾ هڪڙا خط آهن جيڪي اسان شادي کان اڳ ۾ هڪ ٻئي ڏي لکيا آهن اهي خط هن (سحر) پاڻ ٿي هڪڙي ڪاپي تي اتاري ڇڏيا آهن مون کان تہ گم ٿي وڃن ها

مينهن وسن" سو ائين بہ لطيف چيو آهي سو مختلف ڪيفيتون ٿين ٿيون ڪڏهن "ڳوليان ڳوليان ۾ لهان، شال م ملان هوت" تہ ڪڏهن وري: "سرهي سيج پاسي پرين، مر پيا مينهن وسن" واري ڪيفيت.

**سونهن: مڏيم توهان بہ ڪجهہ ان باري ۾ .....**

سحر: بس امداد جواب ڏيئي ڇڏيو مان ان کي Own ٿي ڪريان.

**سونهن: توهان مڏيم جي ملڻ کان پوءِ بہ جيڪڏهن ڪا بہ اهڙي عورت ملي ها ۽ جيڪڏهن مڏيم کان وڌيڪ چاهي ها تہ پوءِ توهان ڇا ڪيو ها؟؟**

امداد: "جيڪڏهن" وارو سوال آهي جيڪڏهن تہ زندگي ۾ الاءِ ڇاڇا ٿي ٿو وڃي ٻہ پنهنجي طور تي اسان مطمئن آهيون.

**سونهن: مڏيم توهان کي امداد جون ڪهڙيون عادتون وڌيڪ پسند آهن ۽ نا پسند آهن .**

سحر: پسند ۽ ناپسند .......

امداد: اهو نہ پڇ تہ سٺو !

سحر: اهي ڏک ڏکيل ٿي هجن تہ سٺو.

امداد: ڏائيٽرن جو ڏکجان ڏک!

**سونهن: ميڊم توهان جي ادبي سفر ۾ ڪيترو هٿ آهي. امداد جو.؟**

سحر: منهنجي ادبي سفر ۾ بس اهو آهي تہ گهر جو جيڪو ماحول آهي ادبي ماحول آهي، هڪڙو ساٿي آهي جو لکڻ لاءِ اتساهي ٿو ۽ جيئن سانول چوي ٿو تہ سحر جي نہ لکڻ تي ان هن سان وڙهندو رهندو آهيان. سو هي مون سان نہ لکڻ تي اڪثر وڙهندو رهندو آهي.

ٻي صورت ۾ جي ائين نہ هجي ها تہ جيئن مان Teenages ۾ شاعري شروع ڪئي هئي ۽ هڪڙي عمر اهڙي هوندي آهي جہ ٻهن ۾ ماڻهو شاعر ٿي پوندو آهي سو مان فقط شوقيہ ڪهاڻيڪار يا شوقيہ شاعر واري اسٽيج تي ٿي شايد رهجي وڃان ها. جيئن شاديءَ کان اڳ اڪثر ڇوڪريون شوقيہ شاعري ڪنديون آهن پر پوءِ اهي ان اسٽيج کان اڳتي نہ وڌي سگهنديون آهن Possibilities هيون تہ مان بہ اتي ٿي رڪجي وڃان ها پر مان رڪيس نہ سفر جيڪو جاري آهي Continue رهيو ان ۾ اسان جي گڏ هجڻ جو هٿ آهي.

امداد: اسانجون هوءَ تہ پنهنجي پنهنجي ليکي لکيل الڳ الڳ شيون آهن سحر جون پنهنجيون لکٽيون آهن ۽ منهنجون پنهنجيون لکٽيون آهن پر ٻہ شيون اهڙيون آهن جيڪي اسانجون گڏيل لکيل آهن جن ۾ هڪڙا خط آهن جيڪي اسان شادي کان اڳ ۾ هڪ ٻئي ڏي لکيا آهن اهي خط هن (سحر) پاڻ ٿي هڪڙي ڪاپي تي اتاري ڇڏيا آهن مون کان تہ گم ٿي وڃن ها ۽ اسان گڏجي هڪڙو طويل نظم "سڏ پڙاڏو" لکيو آهي اهي ٻئي شيون مان سمجهان ٿو تہ سنڌي ادب ۾ منفرد ۽ Unique شيون آهن. ان طويل نظم ۾ ٻہ Characters آهن سوچين ٿا هو هن کي نظم موڪلي ٿو تہ هوءَ وري هن کي جواب ڏيئي ٿي وري هو هن جو جواب ڏي ٿو ائين هڪڙو طويل نظم آهي جيڪو ٻن شاعرن جو گڏي لکيل آهي اهي پنهنجي جاءِ تي اهم شيون آهن سنڌي لٽريچر جون صرف ان ڪري نہ تہ اهي اسان جون لکيل آهن.

سحر: امداد جي هجڻ جي ڪري مون کي وڏو

# شاهہ جي شاعري

روبينہ صديقي

سونهاري سنڌ ۾ شاعرن جي گهٽتائي ڪانهي. ڪيترائي شاعر ٿي گذريا آهن ۽ ڪيترا اڃا پيا پيدا ٿيندا. جيستائين حسن جو جلوو، عشق جي امنگ، حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ۽ ڏک سک، نيڪي ۽ بدي دنيا ۾ موجود آهن تيستائين شاعريءَ جا دور پيا هلندا. سچل ۽ سامي، بيدل ۽ بيڪس، يوسف ۽ صادق جا نالا تہ هر ڪنهن ٻڌا هوندا. انهن جي شاعريءَ مان ڪن کي هڪ مان مزو ايندو تہ ڪن کي وري ٻئي مان. پر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح جهڙو هر دلعزيز ۽ عظيم صوفي شاعر سنڌ تہ ڇا پر هند ۾ بہ اڃا تائين پيدا ڪونہ ٿيو آهي توهان سنڌ جي ڪنهن بہ ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃو اهڙو ڪو سنڌي نہ هوندو جنهن کي سندس ڪلام جي سڌ ۽ سڪ نہ هوندي ۽ اهڙو ڪو هنڌ نہ هوندو جتي سندس شاعريءَ جو پڙاڏو ڪنن نہ پوندو هجي. سندس شعر جي خوشبو پوري سنڌ تہ ڇا پر دنيا ۾ پکڙجندي ٿي وڃي.

شاهہ ڀٽائي ئي آهي جنهن ۾ هڪ وڏي شاعر جون ڪل ئي خوبيون موجود آهن سندس خيالي قوت جو سڀ کان وڏو پرياڻ ئي اهو آهي تہ جيئن جيئن اسين شعر تي اونهو غور ڪنداسين تيئن تيئن نيون ۽ حيرت ۾ وجهندڙ خوبيون سامهون ايندريون. اهڙو ڪو ورلي ليندو جنهن کي شاهہ جي مهراڻ مان معنيٰ جا موتي هٿ نہ آيا هجن يا ساڃاهہ جي سبق پرائڻ کان رهجي ويو هجي. شاهہ جو هر هڪ سُر الاهي عشق جو دفتر ۽ خدا شناسيءَ جو مخزن آهي. سندس ڪلام، شاعري نہ بلڪ آيات عشق آهي. شاهہ جي ڪلام کي "الهام" چئي سگهجي ٿو جيئن خود فرمايو اٿن تہ:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
وجھُو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

شاعري نيڪ نيتن، پاڪ خيالن ۽ عشق جي امنگ جو ترجمان آهي. شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ جهڙا آهن خيال عميق ۽ مائدار تهڙا آهن الفاظ عمده ۽ معني دار. معني توڙي لفظي لحاظ ۽ فن ۽ فڪر جي لحاظ کان شاه جو ڪلام عمدي شاعري آهي. سندس فڪر ايڏو تہ گهرو آهي جنهن جي انتها نہ آهي جيئن سالڪ جي فنائيت حاصل ڪرڻ لاءِ هتي فرمايو اٿن تہ:

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نہ مات،
هوندا سي حيات، جيئا اڳي جي جئا.

شاهہ ڀٽائي دنيا جي هر هڪ شيءِ کي پنهنجي تيز ترار نگاهن سان ڏٺو ۽ انهيءَ کي پرکيو پروڙيو ۽ انهيءَ جي گهراين کي محسوس ڪيو ۽ معمولي ۽ خسيس شين مان پڻ اخلاقي سبق سيکاريو آهي ۽ انهيءَ کي دلچسپ ۽ خوبصورت لفظن ۾ پيش ڪيو آهي.

اهڙو ڪو موضوع نہ هوندو جنهن تي شاهہ جو شعر نہ هجي چاهي اهو دينوي هجي يا دنياوي. مطلب تہ شاهہ جو ڪلام هڪ مڪمل ڪلام آهي جنهن ۾ نصيحت ۽ نيڪ صلاح جا موتي منظوم آهن. هت شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ دل مان ساڙ ۽ حسد ڪڍي تواضع ۽ خاڪساري اختيار ڪر مطلب تہ:

اڻ چوندن م چوءِ، چوندن ڇيو وسار
انئي پهر ادب سين پر اهائي پار
پايو منهن مونن ۾، غربت ساڻ گذار
مفتي منجهہ وهارِ تہ قاضي ڪاٺيارو نہ ٿين.

پر ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ هرويرو گيدي يا ڪانئر ٿيڻ گهرجي اگر ڪنهن ڪميڻي شخص ۾ ڪم پوي تہ پنهنجي حشمت ۽ جرات ڏيکار اگر سختي بہ ڪرڻي پوي تہ اها بہ ڪر ان حالت ۾ سختي رحمت آهي.

ڪڏهن پڄجي ڪنَ تي ڪڏهن ٿجي واتَ
ڪڏهن ٿجي ٻڪرو، ڪڏهن ٿجي ڪاتَ

هت وري شاهہ لطيف انسان کي نصيحت ڪندي فرمائي ٿو تہ اگر ڪڏهن تنهنجي مٿان مشڪلاتون اچن تہ تون هميشه ثابت قدم ٿي انهن جو مقابلو ڪر. ڀهرين پاڻ تي ڀاڙي ڀوءِ الله تي ڀروسو رک چاڪاڻ تہ:

ٽانگهي ۾ ٽاٽي، ٻڌ پنهنجو ترهو،
اونهي ۾ آٽي، ڪو نہ ڏيندءِ ڪو ٻيو.

شاهہ سائين هاٺي ڪهڙن نہ خوبصورت لفظن ۾ انسانن کي وفا ۽ محبت جو سبق ٿو ڏي:

ڇنن تو م ڇنَ، پاءِ اميري ان سين،
جي هو او ڳڻ ڪنئي اسنهين، تہ تون ڳڻا ڳن
پاند جهليو تون پڻ هِن سونهاري سنگ ۾.

مطلب تہ هر موضوع کي شاهہ صاحب اهڙن خوبصورت لفظن ۾ بيان ڪيو آهي جو هر پڙهندڙ ائين ٿو محسوس ڪري تہ ڄڻ هن لاءِ ئي اهو شعر چيو ويو هجي ۽ شاعر جو ڪمال بہ اهو ئي آهي. عشق جي باري ۾ لطيف سائين انسان کي نهائين سان تشبيهہ ڏئي فرمائي ٿو تہ اگر تنهنجي عشق جي آهہ هر عام تائين پهتي تہ پوءِ تنهنجو عشق ڪچو ئي رهجي ويندو ۽ تون محبوب کي ماڻي نہ سگهندين:

نهائين کان نينهن، سِکَ منهنجا سپرين
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري.

مٿي نهائين جو مثال ٿو ڏي تہ وري هت پنهنجي محبوب جي ساراهہ ڪندي چنڊ کي محبوب سان ڀيٽي ٿو تہ:

چوڏهين چنڊ! تون اڀرين، سهسين ڪرين سينگار،
پلڪ پريان جي پڙين، جي حيلِ ڪرين هزار،
جهڙو تون سڀ ڄمار، تهڙو دمُ دوست جو.

شاهہ کي پنهنجي ڌرتيءَ سان ڏاڍو پيار هو، هو هڪ وطن دوست ماڻهو هو سنڌ جي ذري ذري سان محبت هوندي هيس ۽ سندس ڪلام ۾ حب الوطنيءَ جا گهڻا مثال ملندا. پر شاهہ سائين عام ماڻهن وانگر رڳو پنهنجي وطن لاءِ ئي دعا نہ ٿو گهري بلڪ پوري عالم لاءِ فرمائي ٿو تہ:

سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

شاهہ جو پيغام هڪ قوم يا هڪ قبيلي لاءِ نہ پر بني نوع انسان لاءِ آهي ڀٽائي جو پيغام باطل جي خلاف حق جو پيغام، تشدد جي خلاف امن جو پيغام آهي سندس پيغام غلاميءَ جي خلاف آزادي جو پيغام، نفرت خلاف محبت جو پيغام، ظلم خلاف انصاف جو پيغام آهي لطيف سائين جو شعر ماروئڙن، جهانگيرڙن ۽ مظلومن جي پڪار آهي.

مطلب تہ انهن خوبين ۽ خصوصيتن جي ڪري شاهہ جو ڪلام ماڻهن جي دلين ۽ حياتيءَ سان هڪ ٿي ويو آهي. شاهہ جي شاعرائي ذات اهڙي اعليٰ درجي جي هئي، جو شاعر جو ڪو بہ فن اهڙو نہ آهي جنهن ۾ سندس دماغ درياءَ جي لهرن وانگر ڇوليون نہ هنيون هجن. هر طرف کان سندس ذات باڪمال هئي جيڪڏهن صرف شاعر ڪري ليکبس تہ شاعرن جو شاهہ هو، صوفي جي صف ۾ ڏسبو تہ فاني في الله هو. عاشقن جو تاج هو مطلب تہ سندس ڪماليت جو دامن تمام وسيع آهي.

مومل اسٽيٽ ايجنسي

# نيو مومل اسٽيٽ ايجنسي

(برانچ آفيس)

حيدرآباد شهر يا ان جي اوسي پاسي هر قسم جي جائداد، زرعي زمين، فيڪٽري، پيٽرول پمپ، پلاٽ جي خريد و فروخت يا مسواڙ تي ڏيتي ليتي جي سلسلي ۾ ۽ ان کان علاوه ڪنسٽرڪشن، تعميرات، نقشه پاس ڪرائڻ ۽ هائوس بلڊنگ کان قرض ڪڍائڻ جي سلسلي ۾ مفيد مشورن لاءِ اسان جي خدمت حاضر آهي.

WITH BEST COMPLIMENTS

Ph:652894

# Architect Ayaz Ali unar

B.Arch (MUET) M.PCATP.

Managing Director

DYNACON

Near Telephone Exchange
Main Qasimabad Road.
Qasimabad Hyderabd, Sindh.

Consultant, Architects,
Engineers Town Planners
Contractor and Property Dealer

# توهان جا ويچار

1.زندگي توهان جي نظر ۾؟!
2. جيڪڏهن چئجي تہ محبت کي ڪنهن سان تشبيهہ ڏيو؟
3. اڪيلائي ۾ توهان جا احساس؟!
4. جيڪڏهن هڪ ڏينهن لاءِ اداري جو سربراهہ ڪجي تہ توهان جو پهريون قدم؟!
5. يونيورسٽي جي ماحول کان ڪا شڪايت؟!
6. آٽو گراف پليز:

**فرح ناز ميمڻ**

M.A(Pre) سنڌ يونيورسٽي

1. زندگي هڪ خوبصورت پکي آهي جيڪو اڏامندو ئي ٿو وڃي.
2. لاجواب شين کي ڪا بہ تشبيهہ نہ ڏبي آهي.
3. ماضي ۽ حال جا خوبصورت لمحہ جيڪي خوشي ڏيندا آهن. ڪن پل ئي سهي!
4. اڳين سربراهہ کي اهو ڪجهہ پوڳايان، جيڪو اسين پوڳيون پيا.
5. هڪ ڌر جي ذهنيت کان شڪايت آهي.
6. ماڻهن جي مزاج ذهني ايپروچ ۽ سمورن صلاحيتن جي معلومات کان سواءِ لنئو لڳايو.

**رميش ڪمار وي لاڪاڻي**

ٽيون سال زرعي ايڪانامڪس

زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام

1. هڪ مسلسل ۽ اڻٿڪ جدوجهد جو نالو آهي. زندگي انهن ماڻهن جي آهي جيڪي ٻين لاءِ جيئن ٿا جيئن مدرٽريسيا ۽ عبدالستار ايڌي.
2. محبت جا ڪوڙ سارا قسم آهن، توهان ڪنهن جي ڳالهہ ڪيو؟ چريا! حقيقي محبت بہ ڪڏهن ٻيٽبي آهي.
3.هن جي باري ۾ سوچيندو رهندو آهيان تہ ڪيئن هن کي حاصل ڪري سگهندس.
4. گرلس اسٽوڊنٽس جي استادن جي آفيس ۾ داخل ٿيڻ تي پابندي لڳائي ڇڏيندس.
5. شاگردن جي طرف کان ٽيندڙ سيلف گرانٽيڊ ليوز ۽ انهن تي انتظاميہ جي خاموشي.
6. Get more and more knowledge and serve the nation.

**نسيم جوڻيجو**

ڪراپ پراڊڪشن پارٽ ٽو

زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام

1. امتحان آهي.
2. محبت عبادت آهي.
3. سوچن جي سمنڊ ۾ گم ٿي ويندي آهيان.
4. بائيڪاٽ آف بائيڪاٽ.
5. ڪا شڪايت ڪانهي.
6. ماڻهو سڀ نہ سهڻا پکي سڀ نہ هنج، ڪنهن ماڻهو منجهہ اچي بُوءِ بهار جي.

**اسماء عمر**

B.sc P ii.T.C.P.D

زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام

1. ايگزام، ايگزام بس ايگزام
2. اڃا تجربو نامي.
3. ماضي کي ياد ڪرڻ.
4. ميرپور خاص لاءِ پوائنٽ هلائيندم.
5. تمام سٺا. ڪلاس فيلوز نہ چاهيندي بہ ادي چوندا آهن.
6. "وڏن جي عزت ڪيو ننڍا توهان جي عزت ڪندا."

**رهيما گل**

پراڊڪشن فيڪلٽي پارٽ ٽو

زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام

1. هڪ خواب.
2. اڻ پورو رهندڙ خواب.
3. ماضي کي ياد ڪرڻ.
4. پراڊڪشن فيڪلٽي ۾ ڪولر هٽائيندم.
5. هزارين شڪايتون اهڙيون جو هر شڪايت تي دم نڪري.
6. ڪارٽون

**شبنم بلوچ**

بي. اِي ايگريڪلچر ٿرڊ يئر

زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام

1. B.E. ايگريڪلچر جي ڊگري.
2. تباهيءَ سان.
3. مان اڪيلي آهيان، اهو بهتر آهي.
4. ايگريڪلچر جي ترقي لاءِ تڪڙو قدم.
5. ڪاپي نہ ٿي هلي.
6. We are the great Agrineers.

**علي اظهار**

بي. ايس. سي. فائينل ايئر

(سوائل سائنس) زرعي يونيورسٽي

1. اڏامندڙ خوبصورت رنگن وارو پوپٽ.
2. محبت تشبيهن جي محتاج ڪونهي.
3. پنهنجو پاڻ مان نڪري ڪاڏي ٻئي وڃڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۽ بس!
4. نشو ڪرڻ کان پوءِ ماڻهو پاڻ ۾/ پاڻ سان نہ هوندو آهي.
5. اسان جي آدرشن جي لاءِ هتي ڪا بہ جاءِ ڪونهي.
6. يي زندگي حسين هي، اگر حسين بنا سڪو!


**ضيا آگرو**

.92EL90

مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو

1. زندگي شايد صوماليہ جي ان ٻار وانگر آهي جيڪو روٽي جي ٽڪر لاءِ جئي ٿو ۽ روٽي جي ٽڪر ڪري مري ٿو.
2. محبت منهنجي ماءُ جو ٻيو نانءُ آهي، محبت منهنجي پيءُ جي شفقت ۾ لڪل آهي. (خليل جبران)
3. مان پاڻ کي اڪيلو ان مهل محسوس ڪندو آهيان جڏهن منهنجو نفس مون سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي پر مان ان





# انتظار جي آخري شام

لطيف جمال
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

مون لاءِ جڻ ڪنهن حسين نرماڻ جو موت اچي ويو هو ....!! ڀلا ڪنهن کي ڪهڙو اختيار آهي ٻن شين جي وچ ۾ ويڇو وجهڻ جو....؟ ناڪاميءَ جي ڀاونائن هر آس کي ساڌنا تائين پهچڻ کان اڳ ڇيپائي ڇڏيو هو. تڏهن موسيقيءَ جو سهارو ورتو هوم. موسيقي روح جي غذا آهي. موسيقي بهار جي رت ۾ ٻوليندڙ اُها بلبل آهي جنهن جو آواز وسيل ويڙهن جي علامت ڄاتو ويندو آهي. آءٌ پنهنجي ڪمري جي دري ڪولي ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏئي موسيقيءَ مان لطف اندوز ٿي رهيو هوس. جيجي زرينہ جي آواز ۾ اياز جي من موهيندڙ وائي روح ۾ رقص ڪرڻ لڳي. "ٻي خبر ناهي پر مرڻ ڪانپوءِ، توسان گڏجڻ جو حسرتون رهنديون." جنهن اندر ۾ ڪيئي مچ مچائي ڇڏيا ۽ هڪ هڪ سٽ رڳ رڳ ۾ رچندي رهي. آءٌ شازيہ کي تصور ۾ آڻڻ لڳس. ورهيہ گذري ويا هئا نہ مليا هئاسين.

ڪيئي سانوڻ آيا مينهن وسيا. ڪيس ياد ڪيم. هوءَ ايندي پر نہ آئي. منهنجي من جي مرجهايل مکڙي مرجهايل رهي. اڪيلائي، بيقراريءَ اوسيئڙا، منهنجي وياڪل آتما کي تڙپائي رهيا هئا. مايوسين جو مونجهاري ۾ قاتل رهيس مون مسلسل سندس انتظار ڪيو هو پر پُراسرار نموني گم ٿي ويل شازيہ خبر ناهي ڌرتيءَ جي ڪهڙي ڪنڊ ۾ لڪي وئي هئي؟ مون کي ياد آهي جڏهن مون پهريون دفعو ڪاليج ۾ پنهنجي ساهيڙي شهناز سان تعارف ڪرائيندي چيو هو. "شهناز هي اٿئي شريف!" تڏهن سندس ساهيڙي هڪدم چيو هو، "چريا، شڪل مان ٿي شريف نہ ٿو لڳي، تون هن کي شريف ڪيئن ٿي چوين-!" پنهنجي ساهيڙيءَ جو اهو جواب ٻڌي کيس چنبيندي چيو هئائين -"شهناز! مزاق هر هنڌ ناهي ڪبي. ڪي اهڙيون جايون بہ ٿين جتي مذاق سونهي ٿي ڪانہ." شهناز جي ڪيل مذاق تي منهنجي منهن تي شرم جون ريکائون ايري آيون هيون ۽ آءٌ ڪنڌ هيٺ ڪري ٻيهي رهيو هئس. تڏهن مونکي مايوس ڏسي شازيہ چيو هو- "شريف! تون هن ڏانهن خيال نہ ڪر - هيءَ شيطان جي ناني جي پڙ ناني آهي." "شازيہ نہ چوينس " شهناز مونکي خاموش ڏسي وري چيو - "ڏس شازي! ويچاري کان شايد ٻولي ~ ٿي وئي آهي."

"آءٌ هلان ٿو-" تڏهن شازيہ کي چيو هوم ۽ ڪلاس مان منتشر ٿي ويو هئس. نرڙ تي پگهر جي ڦڙهيل تهن کي آڱر سان هٽائيندي شهناز جو آواز ڪن تي پيو هو، جيڪا شازيہ کي چئي رهي هئي. "شازي دل مان خودڪشيءَ جو ارادو ڪڍي ڇڏ ۽ شريف سان محبت ڪري پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئوگل نہ ڪر. اصل ۾ شريف وڏا حريف هوندا آهن." پنهنجي بابت اهڙا رمارڪس ٻڌندي ڏکي ويو هوس، پاڻ سنڀاليندي ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي هئم." ۽ ٻڌ شازي!" شهناز چيو هو،"مائنڊ نہ ڪرين تہ چوانءِ" پر شازيہ جڻ تہ ڪيس ڪو بہ جواب ڏيئي نہ سگهي هئي. هوءَ ماٺ رهي جڻ هوءَ ڪا پت هئي "جڏهن تنهنجي دوست کي ڏٺم. سچ پڇين تہ ڏچي ويس!" شهناز چيو، "سمجهيو هوم منهنجي سامهون ڪو انسان نما حيوان بيٺو آهي."

منهنجي اکين مان ساوڻ جو سنڌو اٿلي پيو. دل اڌ اڌ ٿي پيئي، تڏهن جبلن جي اوچاين تان ٻولاٽيون ڪائيندي ڪريو هوس، محسوس ڪيم جڻ شازيہ منهنجي شڪل شبيهہ سان نہ پر ڪن خوبين سان محبت ڪندي هبي شازيہ جو آواز سڄي ڪلاس ۾ گونجڻ لڳو هو جيڪا ذري گهٽ شهناز سان وڙهي پئي هئي.

اجان ڪجهہ وڏيڪ ٻڌان ، ان کان اڳ ٽڙندو ٽاٻڙندو ڪاليج مان نڪري ويو هوس. ان ڏينهن کان شازيہ شهناز سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو هو، ڪڏهن ڪڏهن مونسان ملي منهنجي



تاريڪ زندگيءَ ۾ روشنيون ڦهلائي ڇڏيندي هئي. بي اي ڪرڻ کانپوءِ هوءَ نہ ملي سوچيم هوءَ ايندي انتظار ڪندو رهيس. اوسيئڙن جون شامون نااميدي ۽ مايوسي ڪٺي پئي آيون ۽ آئون حسرتن وچان درن ڏانهن واجهائيندو رهيس وقت جا پاڇولا ڊوڙندا رهيا، پر شازيہ نہ پهتي، ايم اي فائنل ڪري ڊوڙي ڊکي ڪلارڪي ورتم. ان وچ ۾ ورهيہ گذري پر شازيہ نہ ڏٺم. سوچيو هوم محبتن جي حاصلات لاءِ زندگيءَ ۾ گهڻو ڪجهہ وڃائڻو پوي، ٿو ڪجهہ وڃائي ٿي حاصل ڪجي ٿو. اسان حالتن جي ٿپاس ٿي ٽنگيل ماڻهو زندگيءَ ۾ گهڻو ڪجهہ وڃائي بہ ڪجهہ حاصل ڪري نٿا سگهون. اسان اڄاڻن خواهشن پويان ڊوڙندي ڪيئن نہ ٿڪجي پئون ٿا. ائين لڳي ٿو جڻ پاڇولن کي پڪڙڻ جا جتن ڪندا هجون . ورهين جي ڏکي عرصي ۾، شازيہ مون کان وسري نہ سگهي هئي. رات جو ڪمري ۾ پڱل ٽنل سيلنگ فين جي ٻوڪس آواز کان بچڻ لاءِ ڪجهہ وقت رات جي اولداهين ۾ نڪري ويندو هوس جتي اسٽريٽ لائٽس جون روشنيون بہ منهنجو پيڇو ڪري نہ سگهنديون هيون. اُها هڪ بيحد اُداس ۽ ساهہ کي ٻوساٽيندڙ شام هئي. سخت گرميءَ جي ڪري ماڻهن جي موت جون خبرون اخبارن ۾ وڏين وڏين سرخين سان شايع ٿي رهيون هيون، آءٌ گفٽ هائوس ۾ لنگهي ويو هوس، پنهنجي دوست جي سالگره ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پگهار مان ڪجهہ پئسا بچائي سندس لاءِ تحفا خريد ڪرڻ لاءِ گفٽ هائوس ۾ پهتو هوس. ٻين ڪنگلن ڪلارڪن جيان آءٌ بہ ڪنگلو آهيان.

۽ اهو وجود تو کي صبح و شام پنهنجي اکين جي آکيرن ۾ ويهندو ۽ اڏرندو ڏسندو هوندو.“ سلميٰ منهنجي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چوي ٿي. ”سلميٰ تون صحيح ٿي چوين ته آئون ڪنهن کي ارپيل آهيان ۽ منهنجو نالو ڪنهنجي نالي سان ائين ٽانڪيل آهي، جئين ستارا آسمان نالي چادر سان ٽانڪيل آهن، پر ان ارپنا سان آئون متفق ڪو نه آهيان. ان ارپنا ۾ منهنجو ڪردار ان ڪتاب وانگر آهي، جيڪو اڃان اڻ ڇپيل آهي. ۽ تخليڪار جي ٽيبل تي پيو آهي، ۽ ان ڪتاب جي صرف هڪ ورق تي ان ماڻهوءَ جو نالو آهي، جنهن جو سڄي ڪتاب جي ٻي ڪنهن به ورق تي ڪٿي ڪو به ذڪر ڪونهي، سو ان ۾ منهنجو ته ڏوهه ڪونهي، جو تون ان ڏوهه جي پاداش ۾ مونکي سزا ڏيئي رهي آهين. ڏوهه ته ان خالق ڪتاب جو آهي، جنهن مونکي ڪنهن لاءِ ارپي ڇڏيو آهي.“ مان سگريٽ دکائيندي ڪيس چوان ٿو. ”پوءِ آئون ڇا ٿي ڪري سگهان.“ ”اوهان جيڪڏهن چاهيو ته سڄي ڪتاب کي به ڦاڙي سگهو ٿا. ۽ جيڪڏهن چاهيو ته ارپنا وارو اهو ورق ڪتاب کان جدا به ڪري سگهو ٿا.“مان سگريٽ جو ڪش هڻندي ڪيس چوان ٿو، ”ڏس ڪمال آئون ڪجهه به نه ڄاڻان، صرف اهو ٿي ڄاڻان ته تنهنجي مڱڻي ٿيل آهي. “هوءَ ڳالهه کي سڌو ۽ سنئون ڪندي چوي ٿي. ”پر سلميٰ اوهان مڱڻي کي ايڏو وڏو مسئلو ڇو بڻائي ويهي رهيا آهيو؟ ڇا هن اسان جي سماج ۾ ٽيل مڱڻيون ڪونه ٽٽيون آهن؟“ مان ڌاڍي ڌيمي انداز ۾ سلميٰ کي سمجهائيندي چوان ٿو. ”ها ٽٽيون آهن، پر آئون ڪنهنجي حق تي ڌاڙو نه ٿي هڻڻ چاهيان، آئون ڪن ٻن وجودن جي وچ ۾ نه ٿي اچڻ چاهيان ۽ آئون ضمير جي ڪٽهڙي آڏو بيهڻ نه ٿي چاهيان.“ سلميٰ اهو سڀ ڪجهه يڪ ساهي چوي ٿي. ”نه سلميٰ نه، جيئن تون چوين ٿي، ائين ڪونه آهي. مون تي ڪنهنجو ڪو به حق ڪونهي، مون جنهن کي تون چوينءَ ٿي ڪي ته، هر ڪو پنهنجي محبت جا داستان ڪٿي ويهي

به حق ۽ واسطا ڪو نه ڏنا آهن جنهن جي تونءَ وچ ۾ اچڻ جي ڳالهه ٿي ڪرينءَ تنهن کي مون ڪڏهن به پنهنجي اڳيان ڪو نه ڏٺو آهي . آئون هن کي ڪو نه سمجهي سگهيو آهيان ۽ هوءَ مونکي ڪو نه سمجهي سگهي آهي، ته پوءِ تون ڪئين پنهنجو پاڻ کي ضمير جي ڪٽهڙي آڏو بيهارڻ جي ڳالهه ٿي ڪرين. ۽ هونءَ به مان ته صرف تنهنجي محبت پويان ڀڳو آهيان .... ۽ مون تنهنجي محبت جي سوچن ۾ ڪيئي درد جا ڏينهن ۽ ڪرب جون راتيون گذاريون اٿم...“ ”بس ڪمال صاحب بس، ان پنهنجي ڇڙواڳ محبت جا قصيدا ٻي ڪنهن جي اڳيان پڙهه ته وڌيڪ بهتر آهي، ڇاڪاڻ ته وقت ڌاڍو قيمتي آهي ان ڪري نه پنهنجو وقت وڃاءِ ۽ نه وري منهنجو“ سلميٰ هڪ دفعو وري منهنجي ڳالهه کي ڪٽيندي ٿي چوي. ”سلميٰ ڏس مون پنهنجي دل جي دروازي تي محبت جي قلم سان تنهجو نالو لکي ڇڏيو آهي. مهرباني ڪري ان نالي کي انا جي بدصورت برش سان مٽائڻ جي ڪوشش نه ڪر ته بهتر آهي، ڇاڪاڻ ته جڏهن به ماڻهو دلين تي لکيل لفظن کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته، نه صرف دليون پر روح به زخمي ٿي پوندا آهن ۽ هونءَ به منهنجو وجود اڳئي زخمي ٿيل آهي، ۽ مون سدائين ڀڳل ۽ چور چور ٿيل شيشا ميڙڻ جي ڪوشش ڪندي پنهنجا هٿ زخمي ڪيا آهن ۽ اڄ جڏهن آئون صديون پٽڪي تو کي ڳولي اچي، تنهنجي سامهون بيٺو آهيان ته تون مونکي ڏسندي منهجي وجود جي ڇو انڪاري بڻجي بيٺي آهين؟“ مون سگريٽ جو آخري ڪش هڻندي، فلٽر کي اڇلائيندي چيو. ” نه ڪمال نه، جيڪا ڳالهه اوهان چئو ٿا، آئون ان سان سهمت ٿي نه ٿي سگهان، ۽ نه وري ڪو مون ڀڳل ٽٽل وجودن کي جوڙڻ جو ٺيڪو ڪنيو آهي. اوهان يونيورسٽي جا اڪثر ڇوڪرا هڪجهڙا آهيو. ڪنهن سان ٿورو مرڪي ڳالهايو ڪو نه اٿئون ته، هر ڪو پنهنجي محبت جا داستان ڪٿي ويهي ڏسي به خاموش ٿو رهي.

ٿو رهي. ۽ ائين اوهان اڪثر ڇوڪرا هڪ ڇوڪري ڪان ٿيندا ٻي تائين ۽ ٻي کان ٽيندا ٽين تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهيو پوءِ چار سال پورا ڪري ائين گم ٿي ويندا آهيو، جئين اسانجي هن غلام ۽ فرسوده سماج ۾ ڪنهن لٽيل عورت جون دانهون ۽ ڪوڪون پنهنجي من اندر کي ڇيري ماحول جي ڪاراڻ ۾ گم ٿي وينديون آهن. ان ڪري اوهان جتي آهيو، اتي ٺيڪ آهيو ۽ مونکي منهنجي مرضي مطابق هلڻ ڏيو ته بهتر آهي. آئون اوهان تي هڪ ڳالهه واضع ٿي ڪري ڇڏيان ته آئون هتي پڙهڻ آئي آهيان، ان ڪري اهي اوهانجا ٻر فريب لفظ منهنجي دل ۽ دماغ تي ڪي به اثر نه ٿا ڇڏي سگهن.“ سلميٰ جذباتي انداز ۾ چوي ٿي. ”بهرحال نيڪ آ، پر هڪ ڳالهه ياد رکو اوهانکي جيڪي وڻي سو مونکي چئو، پر لفظن کي ڪجهه نه چئو ته سٺو آهي. جيڪڏهن ڪنهن پٿر تي ڪرندڙ مينهن جو هڪ هڪ ڦڙو ان پٿر کي ڳاري سگهي ٿو ته پوءِ منهنجا لفظ به هڪ نه هڪ ڏينهن تنهنجي دل جي ڪنهن نرم گوشي ۾ جڳهه وٺي، تنهنجي سٽل محبت کي ڇهندڙيو ن هٿي جاڳائيندا.“ مان ڌاڍو بااعتماد طريقي سان ڪيس اهي لفظ چوان ٿو.“ ڪمال جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ مولکي ڇڏي ڏي جڏهن اوهان کي پنهنجن لفظن تي ايڏو اعتماد آهي ته پوءِ جڏهن به اوهان جا لفظ پنهنجي پيرن ۾ ڇير ٻڌي، منهنجي دل جي اڱر تي ڇڻ ڇڻ ڪري نچندا ۽ شور مچائي الدر کي بي چين ڪندا. ان ويل آئون ڪنهن کان پڇڻ کان سواءِ اوهان وٽ اچي اوڏا اڏي پکڙا ويهي رهندس.“ ايترو چئي سلميٰ اٿي ٿي ۽ بغير موڪلائي نازن ۽ نخرن سان منهنجي خواهشن ۽ جذبن کي ڪنهن ظالم حڪمران جي گهوڙي جي سنبن هيٺيان لتاڙي ڏور نظرن کان اوجهل ٿي وڃي ٿي ۽ آئون ان مسافر وانگر ٿي وڃان ٿو، جيڪو پنهنجو سڀ ڪجهه اکين آڏو لٽجندي ڏسي به خاموش ٿو رهي.

ڪٿي؟"
اقبال هن کان پڇڻ سان گڏ هن جي بدن ۾ نهاريندو رهيو ۽ هن محسوس ڪيو تہ عطا محمد گهڻو ڪمزور ٿي ويو آهي. شايد بيمارهوندو.

"صاحب بس بيمار ٿي پيو هئس مهينو پورو بستري تي گذاريو اٿم ان سبب ٿورو ڪمزور ٿي ويو آهيان." هٿن ۾ اڃان طاقت آهي سائين متان سمجهو تہ آءُ توهان جو ٽڪ نہ پڇي سگهندس"

يقين هوندي بہ عطا محمد، اقبال کي ڪوڙو دلاسو ڏنو هن کي خبر هئي تہ هو اڳي وارو زور ڏئي ڪو نہ سگهندو پر هن نہ پئي چاهيو تہ ڪو گراهڪ هٿ مان ڇڏائجي وڃي.

"عطو يار مالش تہ ڪرائڻي آهي پر تنهنجي هٿن ۾ لڳي ٿو اهو دم ڪونہ هوندو. تنهنجي وڃڻ بعد هڪ ڇوڪرو ايندو آهي اهو بہ ڇورو ڏاڍو زبرو آهي طاقت اٿس پر اٽڪل ڪونهيس."

"سائين هٿن ۾ پيل اهو دم نہ رهيو هجي پر پوءِ بہ اٽڪل اهڙي اٿم جو هينئر بہ انگ انگ مان ٿڪ کي هنن شيشين جي ٽڙڪي جئين ڪڙڪائي ڪڍي سگهان ٿو"

اقبال کي ڪجهہ تسلي ٿي هن محسوس ڪيو واقعي ٿي سگهي ٿو تہ عطا محمد سچ چوندو هجي ۽ ڳالهہ بہ ڏهن رپين جي هئي جنهن لاءِ اقبال کي ايتري ڳڻتي ڪو نہ هئي، هن قميض لاٿي ۽ پينچ ٻانهون کولي ويهي رهيو.

عطا محمد پنهنجو لٽو ڪلهي تان لاهي اقبال جي ڪلهن تي کولي رکيائين ۽ مٿي ۾ تيل وجهي شروع ٿي ويو. عطا محمد پهرين جهٽڪي ۾ ڏاڍي ڦڙتي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چمپي ڪندي تاڙين جا ٺڙڪا بہ زوردار ٿي ڪڍيائين پر جيئن پيئن ۽ ٽيئن تيل جي شيشي جي واري تي پهتو تہ هن کي سهڪو ٿيڻ شروع ٿيو. هن گهڻي ڪوشش ڪئي تہ نہ ڪنگهي پر هن جي ڪوشش ناڪام وئي ۽ آهستي آهستي ڪنگهڻ شروع ڪيائين پر هٿ اقبال جي مٿي ۾ هلائيندو رهيو.

"عطو ڇا گهڻو بيمار ٿي پيو هئين ڇا؟"

"سائين بس نياڳي بخار اچي ورايو روز آسرن ۾ تہ اچ ڇڏيندو سيان ڇڏيندو ۽ ائين وڏو تپ ٿي پيو."

"پوءِ ڊاڪٽر وغيره کي ڏيکاريئي؟"

"ها سائين هفتي بعد سرڪاري اسپتال ۾ ڏيکاري آيس دوائون ڏنائون پوءِ بہ بخار مهينو هلندو رهيو."

" سرڪاري علاج ۾ ڪٿي ڇٽندين ڪنهن وڏي ڊاڪٽر کي ڏيکار"

"اڙي سائين غريب ماڻهو بيماري بعد رهندو ميڙي چوندي بہ هڙ هلي وڃي وڏن ڊاڪٽرن کي ڪيئن ڏيکاريان."

اقبال محسوس ڪيو عطا محمد وڌيڪ مالش نہ ڪري سگهندو سو مٿي کي چمپي ڪرائڻ بعد قميض پائڻ لڳو.

"سائين توهان جسم تي مالش ڪرائي ڪو نہ؟!"

"نہ بس وڌيڪ ٽڪ ڪونهي"

اقبال عطا محمد کي آتت ڏيڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهايو هن نہ پئي چاهيو تہ عطا محمد جي دل آزاري ٿئي. پر عطا محمد گهڻو هوشيار هئو هو سمجهي ويو تہ هن جي هٿن ۾ دم ڪونهي ۽ ماڻهو هاڻي هن کان مالش ڪو نہ ڪرائيندا. اقبال عطا محمد کي پوءِ بہ ڏهہ رپيا ڏنا ۽ عطا محمد نہ چاهيندي بہ ڏهہ رپيا ورتا. هن ڪڏهن بہ ڪنهن شخص جو هڪ پئسو بہ وڌيڪ پنهنجي محنت ڪرڻ سواءِ حاصل ڪو نہ ڪيو هو هن لاءِ هڪ پئسو بہ وڌيڪ حرام هوندو هئو يا هو سمجهندو هئو تہ خيرات ٿو وٺي. ڪڏهن ڪڏهن جي صوبيدار ڪيس ڏهہ ويهہ رپيا وڌيڪ ڏيندو هئس تہ پهرين تہ ضد ڪري نہ وٺندو هئو پر جي صوبيدار گهڻو زور ڀريندو هئس تہ پوءِ وڌيڪ وقت هن کي مهٽ ڪندو هئو يا وري

"عطو يار مالش تہ ڪرائڻي آهي پر تنهنجي هٿن ۾ لڳي ٿو اهو دم ڪونہ هوندو. تنهنجي وڃڻ بعد هڪ ڇوڪرو..............

ڪنهن سپاهي کي مفت ۾ چمپي ڪري ڇڏيندو هئو. پر اڄ اقبال جا پنج رپيا وڌيڪ هن ٿوري سوچڻ بعد وٺي ڇڏيا هن هڪ پل لاءِ بہ پنجن رپين نہ وٺڻ لاءِ ڪو نہ ڇيو پر هن چاهيو ٿي تہ هن کي اهي پنج رپيا اقبال کان ملي وڃن.

ڏهہ رپيا وٺي عطا محمد پارڪ کي الوداع چئي نڪتو هن جي هٿن ۽ زبان کي سڪتو لڳي ويو نہ شيشيون ٿي ڪڙڪيون ۽ نہ ئي هن جو آواز "مالش" ٿي گونجيو. رستي تان خاموش هلندو رهيو. ڪنهن ماڻهو جي گهوري ٿي ڏلس تہ ان کان نظرن بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو هن کي ائين پئي لڳو جهڙو هن ڪا چوري ڪئي هجي ۽ سڀ کان ان کي لڪائيندو هجي. هن چوري ڪئي هئي پنهنجي اصولن جي چوري هن پنهنجي اصول کي ٽوڙي پنج رپيا وڌيڪ بغير محنت جي حاصل ڪيا هئا ۽ هن کي ائين محسوس ٿي رهيو هئو جهڙو هن پنهنجي هڪ اصول کي پنجن رپين تي وڪرو ڪيو هجي انهيءَ احساس عطا محمد کي ويتر مٿي ۾ چڪ هڻڻ شروع ڪيا هن چاهيو تہ هو ماڻهن کان اوجهل ٿيڻ لاءِ ڀڄي پر هن جا قدم اڳي کان ڪمزور پوڻ لڳا. هن جون وکون ڍريون ٿي ويون. اوچتو هن جي نظر هڪ فقير تي پئي جيڪو هر هڪ جي آڏو هٿ ڦهلائي رهيو هئو. هن کي ائين محسوس ٿيو جهڙو اهو فقير عطا محمد پاڻ هجي هن ڏهن رپين کي اڃا تائين کيسي ۾ ڪو نہ رکيو هئو اهي اڃا هن جي هٿ ۾ هئا ۽ گهر طرف وڌي رهيو هئو. هن هڪ نظر ڏهن رپين ۾ نهاريو. هن کي مٺ ۾ پنهنجي بيوسي جي جهلڪ نظر آئي نوٽ جي جڳهہ تي هن کي ڪشڪول نظر آيو. هن جي اندر ئي آواز گونجڻ لڳو هن ڪوشش ڪئي ان آواز کي سمجهڻ جي اهو آواز "مالش" جو نہ هئو. آواز هئو "الله جي نالي تي." وري هن کي ڪڙاڪ محسوس ٿي اها ڪڙاڪ شيشين جي نہ هئي اها ڪڙاڪ ڪشڪول ۾ پيل سڪن جي هئي. هن جو دماغ چڪرائجڻ لڳو ۽ آواز گونجڻ لڳو.

"ڪڙاڪ ............الله جي نالي تي."
"ڪڙاڪ ............الله جي نالي تي."
"ڪڙاڪ ............الله جي نالي تي."

# بد صورتي جي ڪتاب ۾ رکيل سوچون -!

مراد قريشي
ايل ايم سي، ڄامشورو

بهار جي خوشي ڪنهن خوشنصيب ڪي ئي تہ نصيب ٿيندي، نہ تہ بهار ڪڏهن، ڪيئن ايندي آ، ۽ ڪنهن جي زندگيءَ ۾ اهو تہ هيل تائين بہ ڄاڻي نہ سگهيو آهيان، پوءِ ڪنهن منهنجي ان سوچ کي غلطيءَ جي بند ڪبٽ مان ڪڍي مون کي اهي گل ڏيکاريا، جيڪي صرف بهار ۾ ئي ٽڙندا آهن- ۽ پوءِ تہ مون سوچڻ شروع ڪيو، صرف انهن موسمن جي باري ۾، جيڪي موسمون هر ڪنهن جي دل جا بند دروازا کوليندي‌يون آهن. جيئن تہ مون پنهنجي دل جا دروازا هميشہ ئي کولي رکيا آهن. ۽ ان سان گڏ پنهنجي هاسٽل جي بند روم جو دروازو بہ. جو تہ منهنجي روم جي دروازي جي سامهون وڻ تي ويٺل اهي پکي مون کي تمام گهڻا وڻندا آهن، جيڪي ڪڏهن بہ ٻوليندا ناهن. پر خاموش ويٺا صرف پنهنجو پاڻ تي ۽ شايد پنهنجي آزادي تي روئيندا رهندا آهن. ان وقت انهن کي ائين ڏسي، مان پنهنجي زنجيرن ۾ جڪڙيل زندگي تي لکڻ لڳندو آهيان، پر هر ان وقت منهنجو قلم مون کي نہ لکڻ تي مجبور ڪندو آهي، ۽ مان پاڻ کي ان مجبوري جي قيد مان نہ ڪڍندي هميشہ پنهنجي وجود کي صليب تي لٽڪيل محسوس ڪندو آهيان، پر ان ڳالهہ جو احساس توکي ڪٿي هوندو ڇو تہ تون تہ هيل تائين ڪڏهن بہ ڪنهن اونداهي ڪمري ۾ اڪيلي ويٺي رني نہ هوندينءَ ۽ نہ رات جو آواره هوائن جيان، ويران روڊن تي اڪيلي هلي هوندينءَ. هاڻي تہ اهي سڀ روڊ ڄڻ منهنجين سوچن جا دوست ٿي ويا هجن. هاسٽل کان وٺي ماروي هاسٽل ۽ علامہ آءِ آءِ قاضي جي مزار تائين. خبر ناهي ڇو ائين ٿو لڳيم ڄڻ هر روز، اهي خاموش رستا مون کي پاڻ ڏانهن سڏيندا، منهنجي وجود کي پاڻ جيان خاموش ڪندا ٿا وڃن. پر مان واقعي بہ پٿربنجڻ نہ ٿو چاهيان مون کي پٿرن کان سخت نفرت آ. جيڪي سيڪجهہ ڏسندي سمجهندي، ۽ محسوس ڪندي بہ هميشہ خاموش هوندا آهن. شايد توکي بہ خاموش ماڻهو نہ وڻندا آهن. تڏهن تہ تون انهن کي وڌيڪ Response ڏيندي آهين، جن جا چپ ڪڏهن بہ خاموشي جي ننڊ سمهي نہ سگهندا آهن. ۽ مان ٻين جي

ابتڙ هميشہ ئي پنهنجي ڇپن کي نہ سمهارڻ جي ڪوشش ۾، پاڻ کي وڃائيندو رهندو آهيان. منهنجي اها اڪيلائي ۽ اها خاموشي منهنجي وجود کي کائيندي بہ آهي ۽ روئاريندي بہ-!! پر جڏهن پاڻ کي وڃائي نہ سگهندو آهيان. تڏهن هميشہ ئي ان چنڊ کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، جيڪو هميشہ خوشي جي سمنڊ ۾ ترندو رهندو آهي. پر مان تہ هيل تائين بہ خوشيءَ جي ذائقي کي چکي نہ سگهيو آهيان، احساس ڏياريندا آهن. پر مان پٿر بنجڻ نہ ٿو چاهيان. تڏهن ئي تہ ڪالهہ Mass- Com- municaion جي پرچي کان پهرين، دوستن سان گڏ تمام گهڻي هوٽنگ، چرچا ۽ ٽهڪ ڏيندي، اهو ئي پاڻ کي احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي هئم. تہ مان پٿر ناهيان، ۽ ان کان پهرين بہ ڪراچي ٽوئر تي ويندي بس جي آخري ٽن سيٽن تي دوستن جو هڪ وڏو گروپ ڪري، هڪبئي تي چرچا ٽهڪ مختلف



جيئن تہ تون هميشہ خوشيءَ جي ڇپن کي چمي پوءِ ئي آرٽس فيڪلٽي ايندي آهين. تڏهن ئي تہ تنهنجا ٽهڪ گرلس ڪامن روم ۽ گرلس ڪينٽين جي پٿن کي چمندا رهندا آهن. ۽ هاڻي تہ تنهنجا اهي ئي ٽهڪ روز پنهنجي روم ۾ گونجندي ٻڌندو آهيان ڪاش منهنجي قميص جي اڳين پاڪيٽ ۾ پيل پين جي بدلي منهنجا خواب هجن ها، جن خوابن کي مان هميشہ پنهنجي مرضيءَ مطابق خرچ ڪري سگهان ها. جيڪڏهن ائين هجي ها تہ مان روز توکي پنهنجن خوابن ۾ گهرائي، تنهنجن بند ڇپن ۾ لڪيل تنهنجن سمورن ٽهڪن کي چورائڻ جي ڪوشش ڪريان ها. جيڪي ٽهڪ هميشہ مون کي پنهنجي خاموشي ۽ پٿربنجي وڃڻ جو ڳانن تي مختلف دوستن جي ڊانس ۽ ڪراچي تائين گولڊليف جا ٽي پاڪيٽ پورا ڪندي، پاڻ کي اهو ئي احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي هيم- تہ مان پٿر ناهيان. پر ڪلفٽن پهچڻ بعد. سمنڊ ڪناري تي هڪ ڇوڪريءَ چيو هيو تہ: ”مون کي تہ يقين ئي نہ ٿو اچي تہ توهان ايڏو بدلجي بہ سگهو ٿا. ڪلاس ۾ بلڪل بہ خاموش، پر اڄ بس ۾ ......... !!؟؟ ۽ واپسي مهل، ڊرائيور جي پرسان واري سيٽ تي اڪيلو ويٺو ڄامشوري تائين سڀر هاء وي کي ڏسندو رهيو هيس. تڏهن ئي مون کي پهريون ڀيرو اهو احساس ٿيو هيو تہ مان بہ ٻين جيان، پنهنجي هر نيچر کي پنهنجي هٿ ۾ ٿو رکان. خبر ناهي ڇو مون کي شروع کان

پنهنجي وجود ۾ سمائي سگهنديون. ڪيڏو نہ خوفناڪ (يا ٿي سگهي ٿو خوبصورت بہ هجي) لمحو هوندو، جنهن لمحي ۾ مون کي پنهنجو وجود هميشه پل کان هيٺ ڪرندي محسوس ٿيندو ان ڏينهن جڏهن ان پل تي پوائنٽ ڪجهہ وقت لاءِ خراب ٿي هئي تڏهن سيئي شاگرد هيٺ لهي پل جي پاسن کان بيهي رهيا هئا. ان وقت پل جي ڪناري تي بيٺي منهنجي دل چيو هو. تہ سيني کي زور زور سان چوان تہ "اچو سڀ گڏجي خود ڪشي ڪريون ۽ پوءِ سڀ کان پهرين خودڪشي آءٌ ڪريان، ها پر پوءِ سيني جي چهرن کي بهار جي پهرين ڏينهن جي گلن جان ٻهڪندي ڏسي خامش ٿي ويو هيس. ان کان پهرين آرٽس فيڪلٽي جي مين گيٽ جي سامهون هڪ پوسٽر هنيو هيم.

"خدا انسان کي پيدا ڪري-، انسان سان هڪ حسين مذاق ڪيو آهي-. اچو تہ خدا سان بغاوت ڪري سڀ خودڪشي ڪريون-."

پر ڪنهن بہ ائين نہ ڪيو هيو. پر صرف پوسٽر تي منهنجي لاءِ لکيل مختلف گارين کان پوءِ اهو پوسٽر مختلف هٿن ذريعي پنهنجو پاڻ کي وڃائي ويٺو. ان ڏينهن بہ اڪيلي روم ۾ ويٺي سوچيو هيم تمام غور سان منهنجي موت جي باري ۾-، ۽ ان وقت جي باري ۾ بہ، جيڪو وقت پنهنجي موت کان پوءِ ايندو-، ۽ ان لمحي تمام گهٽو رنو هيس منهنجي سوچن ۾ پنهنجين نظرن سامهون پنهنجي لاش مٿان هن جي ماءُ کي روئيندو ڏٺو هيم. ان لمحي ۽ ان کان پهرين بہ ڪافي سوچيو هيم، تہ مان واقعي زندگي گذاري نہ ٿو سگهان ۽ ان وقت موت ئي اهو واحد ذريعو نظر ايندو آهي. جيڪو شايد ان کي هميشه لاءِ سڪون ڏئي سگهي ٿو پر سوچيان ٿو ڪاش امان جو مون سان ايڏو پيار نہ هجي ها، تہ منهنجي موت مون لاءِ ڪيڏي نہ آسان ٿي وڃي ها. سوچيان ٿو واقعي بزدل آهيان پنهنجي ذهن اندر موت جي هڪ خوبصورت تصوير ويهاري ويٺو آهيان ڇا موت واقعي ايترو خوبصورت آ، جيترو آءٌ سمجهان ٿو -؟؟!!! ۽ زندگي ايتري بد صورت جيتري آئون سمجهان ٿو، پر اها حقيقت آ تہ زندگي ايتري بدصورت ناهي بدصورت اسان جي صرف سوچ آ، جيڪا هر خوبصورتي کي بدصورتي جو روپ ڏئي ٿي ڇڏي. هونءَ بہ هر شيءِ اوستائين خوبصورت هوندي آ. جيستائين اسان پنهنجي ذهن مان بدصورتي جا سمورا احساس ڪڍي، صرف ۽ صرف خوبصورتي جو هڪ احساس رکي، ان شيءِ لاءِ سوچيون يا ڏسون ٿا. پر خوبصورتي ۽ بدصورتي آهي ڇا-؟؟ ۽ اسان ڪيتري حد تائين خوبصورت يا بدصورت آهيون !؟؟ ۽ منهنجي اندر ڪيتري بدصورتي يا خوبصورتي آ-؟؟ پر اها حقيقت آ پاڻ کي زوري ٻين جي سامهون خوبصورت ظاهر ڪرڻ جي باوجود بہ مان پاڻ کي هميشہ ئي بدصورتي جي اس ۾ بيٺل ئي ڏسندو آهيان ان وقت نہ چاهيندي بہ هاسٽل جي روم طرف وڌڻ لڳو هيس واقعي مان جڏهن بہ پاڻ کي ڏسان ٿو تہ مون کي صرف بدصورتي ئي نظر ٿي اچي، خوبصورتي تہ مون ۾ آهي ئي نہ -!!؟؟ جڏهن مون رات جو پهريون پيرو، بند ڪمري ۾ زيرو بلب جي هلڪي روشني ۾ هڪ ڇوڪريءَ جي قميص مٿي ڪري هن جي ڇاتين مٿان برزيئر لاٿو هيو. ۽ رات جو ڪافي دير تائين ٻنهين هٿن سان هن جي اڇي کير جهڙين ڇاتين کي مهٽيندو رهيو هيس. ان وقت منهنجي انسانيت ۽ انسانيت واري سوچ يا منهنجا جذبا، منهنجا سمورا احساس، منهنجيون سوچون ۽ منهنجا سمورا آدرش ڪاڏي ويا هئا؟؟ ڇو مان ان وقت بدصورتي جو هڪ Dust Bun بڻجي ويو هيس. ان وقت مون ۾ يا هڪ وحشي درندي ۾ ڇا فرق رهيو هيو جيڪو پنهنجي حوس گهٽائڻ جي ڪري هر جسم کي ڇيڙڻ لاءِ تيار هوندو آهي ۽ مون بہ تہ منهنجي وجود جي ذات کي وڃائڻ ۽ پنهنجي حوس گهٽائڻ لاءِ، ان رات پنهنجي پرسان ذات کي تہ ڏٺو ئي نہ هيو-. ان کان علاوه جڏهن هر جمعرات تي پنهنجي گهر پرسان ڪنهن بزرگ جي مزار اندر ويهي هر اندر ايندڙ عورت جي جسم ڏانهن ڏسڻ. خاص ڪري انهن عورتن ڏانهن وڏيڪ جيڪي مزار اندر پنهنجي قميص مٿي ڪري، پنهنجي پني پيٽ ۽ ڇاتين تي تيل مکينديون آهن-. ۽ ان کان علاوه منهنجي اندر ۾ خبر ناهي ڪيتري بدصورتي جي اولداهي موجود آ-. مان ڪيئن ڪيدان پاڻ کي، هن بدصورتي جي ڪوهہ مان-.؟؟؟؟ مون کي ائين ڇو لڳي ٿو تہ منهنجي اندر بدصورتيءَ جو پاڻي اجان بہ وڌيڪ پرجندو ٿو وڃي-.؟؟ ائين تہ ناهي تہ بد صورتي جو پاڻي وڌندو پنهنجي وجود جي ڇولين ۾ منهنجي وجود کي وڃائي تہ نہ ڇڏيندو-؟ پر مون سموري زندگي پنهنجو پاڻ کي وڃايو آهي-. هاڻي مان وڌيڪ پاڻ کي وڃائڻ نہ ٿو چاهيان-، پوءِ آخر ڇو، هت مون کي سڀ رشتا سڀ ناتا، سيني جا چهرا- هر ڪنهن جا ٽهڪ، ۽ سيني جي سچائي مون کي شايد آرٽيفشل ٿي لڳي. ان وقت نہ چاهيندي بہ هاسٽل جي روم طرف وڌڻ لڳو هيس ها سچائي ڪونهي انهن رشتن کي سڃاڻڻ جي انهن چهرن کي پڙهڻ جي- ۽ هر ڪنهن جي سچائي کي سمجهڻ جي. منهنجو وجود تہ اڃان تائين بہ بدصورتي جي ڦاسي جي ڦندي ۾ لٽڪيو پيو آ-!! تو بہ تہ آخري پيرو سيڪنڊ فلور جي ٻاهرين ڪاريڊور ۾ اهو ئي چيو هيو تہ "توهان ٻين جي سچاين کي ٿا ڏسو. پهرين اهو تہ ڏسو تہ توهان جي اندر ۾ ڪيتري سچائي موجود آ ٻين لاءِ -!!؟؟؟.

مون ان وقت خبر ناهي پهريون ڀيرو تنهنجي سامهون بيهي ڇا چيو هيو. پر ايترو ياد اٿم تہ چيو هيم تہ "اهو توهان بہ ڄاڻوٿا تہ منهنجي اندر ۾ ڪيتري سچائي موجود آ. توهان جي لاءِ يا ٻين لاءِ-!!" پر اهو فقط توهان تي آهي توهان منهنجي ان سچائي کي ڪيتري سچائي سان قبول ٿا ڪريو.

تون چپ ٿي وئي هئين ڪجهہ دير رکي، پنهنجي پرس مان عيد ڪارڊ واپس ڏيندي چيو هيئي تہ "مون پهرين سمجهيو تہ توهان پوري ڪلاس کي عيد ڪارڊ ڏنا آهن پر توهان تہ صرف مون کي ڏنو آ-. مهرباني ڪري توهان پنهنجو ڪارڊ واپس وٺو-!!"

حيران ٿي ويو هيس. مون کي ڪو خواب خيال ۾ ئي ڪو نہ هيو تہ تون ڪو ائين ڪارڊ واپس بہ ڏيندئين. نڙي خشڪ ٿي وئي هئي.. شايد اکين ۾ پاڻي بہ ڀرجي آيو هيو. ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو هيو تہ ڇا چوان پر فقط اهو چيو هيم تہ "مون نہ سوچيو هيو تہ تون منهنجين سمورين سچاين کي ڪاغذ جو هڪ فضول ٽڪرو سمجهي مون کي ائين موٽائي ڏيندين-!!

تو ڪجهہ نہ چيو هيو، ڪجهہ دير رکي اڳتي وڌڻ لڳي هئين ۽ تنهنجي سينڊل جو ٽڪ ٽڪ جو آواز منهنجي اندر ۾ ڇپندو رهيو هيو. آخرتائين بہ ان ڏينهن مان ارٽس








منداڻي سونهن

# نـواز خـان زئـور

## SELF INTRODUCTION

ذهن جي دري مان ڪجهہ گهڙين لاءِ جيڪڏهن ماضي جي فريم تي نهار وجهجي تي تہ اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ بهار جي وٽدڙ لي رهيا آهن صبح جو جو سمو آهي ۽ اهو ٢٩ اپريل ١٩٧١ع جوسهڻو ڏينهن آهي هڪ عورت جو پورو سرير پهرئين وياءَ جي سور کان ڪنبي ٿو ۽ ان ئي لمحي ان عورت مٿان مڙي آيل عورتن جي ڪن تي ٻار جي روئڻ جو نرمل آواز پوي ٿو عورتون بيحد خوشيءَ وچان گدگد ٿين ٿيون. ماءُ پنهنجي ٻارڙي کي پيار جي پهرين چمي ڏيڻ لاءِ پنهنجون ٻانهون ڦهلائي ٿي ۽ وياءَ جي سنڌ ساڻو ڪندڙ سور جي باوجود سندس چپن تي لازوال مرڪ ڦهلجي ٿي ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ سندس هو جڏهن مائٽن جو گهر ڇڏي پنهنجي گهر پهچي ٿي تہ سندس انتظار ۾ دروازي تي بيٺل سندس ٻارڙي جو پيءُ گاڏي مان لهڻ شرط ئي ڪانئس ٻار وٺي ٿو ۽ بي اختيار خوشي مان رڙ ٿو ڪري. "هيڏڙو ننڍڙو! هي ڪڏهن وڏو ٿيندو؟" وقت گهڙي پل لاءِ رڪجي ڪين ڏسي ٿو ۽ نئين آيل ٻارڙي جي آجيان ۾ پنهنجي ڇاتيءَ تي پيار جا گلاب پوکي وري هلڻ ٿو لڳي. وقت جي رفتار هوريان هوريان تيز ٿي ٿئي، ٻارڙو سندس پنيءَ تي بانبڙا ٿو پائي، پوءِ وکون ٿو کڻي ۽ پوءِ ساڻس گڏ ڊوڙڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. گهر ۾ تمام گهٽي لاڏڪوڏ سان پلجندڙ ٻارڙو گهر کان ٻاهر پهريون قدم ٿو رکي ۽ پرائمري اسڪول ڳوٺ احمد خان زئور جي نالي سان نئين عمارت ۾ داخل ٿو ٿئي. هو اکر سڃاڻڻ جي جستجو ۾ ڪامياب ٿو ٿئي. رئيس علي ڏنو خان جي وڏي پٽ جي حيثيت ۾ استاد سندس




خاص خيال رکن ٿا تہ هو احتجاج ٿو ڪري. هو پنهنجي سڃاڻپ پاڻ ٿيڻ ٿو چاهي ۽ پوءِ محنتي شاگرد/ امتحانن ۾ نمبر کڻندڙ شاگرد جي حيثيت ۾ سڃاپڻ لڳي ٿو. بيپناه پيار ڪيس ضدي ۽ جذباتي بہ بنائي ٿو. هو گڏ ڪيڏي بہ ٿو، تہ وري ڪيڏندڙن سان وڙهي بہ ٿو، هو پنجون درجو پاس ٿوڪري تہ ڇهين ڪلاس ۾ داخلا لاءِ هاءِ اسڪول بنوري ۾ سندس لاءِ انتظام ڪيو ٿو وڃي. پهرئين ڏينهن اسڪول ۾ ڇڏي اچڻ لاءِ پيءُ ساڻس گڏ وڃڻ ٿو چاهي تہ هو اڪيلي سر وڃڻ لاءِ ضد ڪري، اڪيلو اسڪول ٿو وڃي. هو اسڪول جي نئين عمارت کي حيرت مان ڏسي ٿو ۽ پنهنجو ڪلاس ڳولي ٿو. هو ڪلاس جي دروازي تي ڪجهہ گهڙين لاءِ بيهي پنهنجن نون ساٿين جي چهرن تي نگاهہ وجهي، انهن ۾ پنهنجائپ جون ريکائون جانچي ٿو ۽ پهرين قطار ۾ ويٺل هڪڙي ڇوڪري سان هٿ ملائي سندس پر ۾ ويهي ٿورهي. هٿ ملن ٿا، اکيون ملن ٿيون، تہ هو اکين جي زنجير ۾ جڪڙجي ٿا وڃن ۽ هٿ هٿ ۾ ڏيئي اڳيان وڌن ٿا. پنج سال گذري ويا. مئترڪ جي امتحان جو نتيجو پڌرو ٿيو تہ هن سڄاول ڪاليج ۾ داخلا ورتي. پهريون ڀيرو سندس شعر شايع ٿيو. پهريون ڀيرو هن تقرير ڪئي. پوءِ سندس شعر رسالن توڙي اخبارن ۾ ڇپجندا رهيا. پوءِ هو جلسن ۽ جلوسن ۾ تقريرون ڪندو رهيو. نئون ماحول ڪيس ڏاڍو ڀانءِ آيو. هن ۾ انڪار جي جرئت ۽ اقرار جي همت پيدا ٿي. هو سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ ويو. هن جي شاعري پسند ۽ ناپسند، ساراهہ ۽ تنقيد جي پلصراط تان لنگهي تہ انهي ۾ اڃا بہ وڌيڪ نکار آيو. هن شاعري جي ڪنل پيٽل ۽ پرائي انداز کي الوداع چوڻ شروع ڪيو. هو نون موضوعن تي لکڻ لڳو، نوان تجربا ڪيائين. دوست سندس هر ممڪن مدد ڪندا رهيا. هن محسوس ڪيو تہ اڃا بہ ڄاڻ جي کوٽ آهي تہ هن وڌيڪ محنت ڪئي. پر ايئن بہ ناهي تہ سندس قدمن کي ڳکو ڪاميابي جي سرخ چپن چميو. سندس پيرن ۾ ناڪامين جا کهرا ونگ بہ پيا. پر هن مستقل مزاجي سان انهن کي ٽوڙيو. دوستن هن کي مٿي بہ آندو تہ هن جا پير ڪڍڻ جي ڪوشش بہ ڪئي. هن سڀا دوست ناهيا بہ، تہ سڀا دوست وڃايا بہ. هو انٽر ۾ ٽن پرچن ۾ فيل ٿي پيو. ڪيس ڪافي پوءِ پنهنجو سال وڃائڻ جو ڏک ٿيو. ڇاڪاڻ جو وقت ان کان هڪڙو سال اڳتي نڪري ويو هو. انٽر پاس ڪرڻ ڪانپوءِ هو سنڌيونيورسٽي ۾ داخلا جو انتظار ڪرڻ لڳو. طويل انتظار ڪانپوءِ سنڌ يونيورسٽي ۾ هن جي داخلا "سنڌي شعبي" ۾ ٿي. سنڌي شعبي ۾ هيءَ پنهنجي

# "ٻوٽن کي به جيئڻ جو حق آهي"


خواجه محمد علي
زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام


رستي تان پڌذي جي شور کي سکون ۾ آڻڻ لاءِ رڌل هئس. مان خيالن جي بلنديءَ تي پرواز ڪري رهيو هيس ته اوچتو منهنجي ٻانهن مٿي وڏي ۽ هٿ ٽاريءَ جي لام تي پيو. هڪ ٿي سٽ ۾ پنن جو ڇڳو پٽي ورتم. ائين محسوس ڪيم ڄڻ مان ڪن معصوم ٻارڙن کي جيجل جي جهوليءَ مان ڇڪي ورتو هجي. ائين لڳو ڄڻ ڪن نردوش ٻالڪن جون آهون دانهون سيني کي چيريندي فرش کان عرش ڏانهن اڏامڻ لڳيون. ائين سمجهيم ڄڻ ڪنهن ظالم شڪاريءَ پنهنجي بندوق جي نشاني سان ڪن بيگناهه ساسين کي ڪارتوس جي ڇرن سان زخمي ڪري هيٺ ڪيرايو هجي ۽ ڪين محبت ڪندڙ جيءَ ۾ جايون ڏيندڙ امڙ ۽ ابي کان نيهن جو ناتو ٽوڙائي سندس شفقت جي هٿڙن کان محروم بڻايو هجي مان اوچتو بيهي رهيم ۽ پنهنجو پاڻ کي غصي واري لهجي ۾ ننديم ۽ ڇيم غور ڪر پنهنجي ڪيل ظلم تي، ويچار ڪر پنهنجي عظيم غلطيءَ تي. تون ته انهن پنن جو ڇڳو اڪتي هلي پٽ تي اڇليندين. ڇو ته اهي خوشبوء کان خالي آهن، اهي تنهنجي روح کي راحت بخشڻ کان قاصر آهن. جڏهن اهي رستي تان هر ايندڙ جي ٽاپن هيٺ ڏجندا، جڏهن اهي هر راهه ويندڙ جي پيرن هيٺان چيپاٽجندا، جڏهن اهي نيراڪين مان ڳاڙي واڪا ڪري روئيندا، تڏهن توکي ته ڪجهه به نه ٽيندو، تون ته هنن جي روئڻ جو آواز به نه ٻڌي سگهندين، هنن جي مٿان ٿيل ظلم جو باب تنهنجون اکيون ته ڪو نه پڙهي سگهنديون، هنن جي سڏڪن جي سون سون تنهنجا ڪن ته ڪو نه ٻڌي سگهندا. پر اها ڳالهه انهن جي رت وارن رشتيدارن کان پڇي ڏس، اها ڳالهه انهن جي امڙيءَ کان پڇي ڏس جنهن جي هنج مان اهي زوريءَ پٽي ڪڍيئي. اها ڳالهه انهن جي بي زبان ڀينرن کان پڇي ڏس جيڪي پنهنجي منڙن ڀائرن جي خونن جي ايف -آء - آر ٿاڻن تي به لکرائي نٿيون سگهن. افسوس هيڏي وڏي جرم ڪرڻ کان اڳ ڪجهه سوچين ها. جي تون ايڏو سنگدل، بي رحم ۽ خود غرض آهين، جيڪڏهن تون انهن جي حياتيءَ جو خير خواهه نه هئين، ته تون پنهنجي زندگيءَ جو خيال ته ڪري پيو سگهين. اهو به نه ڄاتئي ته اهي تنهنجي نظر ۾ معمولي پن، نه صرف تو ظالم ۽ سفاڪ شخص پر پوري دنيا جي معاشري جي ڀلائيءَ لاءِ، ماحول جي آلودهه زهريلن مادن سان جنگ جوٽڻ ۾ ڪجهه ڪردار ادا ڪري رهيا هيا. اهي تنهنجي قوم جي زندگين بچائڻ لاءِ پنهنجي جانين جي قرباني ڏئي رهيا هيا. اي خسيس ماڻهو انهن جي عظمت کي سرخ سلام ڪر. پوءِ مان ڏاڍو پشيمان ٿيم. واقعي اهي ساوا وڻ ٽڻ نه صرف اسان جي ملڪ جي معاشري پر سموري دنيا جي خراب ماحول کي مڙس ٿي منهن ڏئي رهيا آهن.



اسان کي هڪ پاڪ، صاف، هر گندگيءَ کان آجي ماحول بنائڻ لاءِ جتن ڪرڻا آهن. اسان کي پنهنجو پاڻ سان مخلص ٿيڻو پوندو ۽ ان سان لڳاتار جدوجهد جاري رکڻي پوندي. بنيادي طور اسان فطرت سان محبت ڪندڙ آهيون. قدرتي حسن ۽ ميناج سان ڀريل حسين نظارا اسان جون ڪمزوريون آهن. جيڪڏهن اهي نه هجن ته هوند اسان جو جيئڻ جنجال ٿي پوي. اسان کي ان مالڪ جي احسانن جو شڪر گذار ٿيڻ گهرجي ان خالق جا لک لائق جو اسان ناچيز بندن کي اهڙيءَ دولت سان مالا مال ڪيو. اسان کي ان مولا جي گلزار ڪيل گلن وڻن، ٽڻن ۽ ٻوٽن جي صورت ۾ عطا ڪيل اڻ کٽ خزاني جو احسان مند رهڻ گهرجي.

هاڻي اها ذميواري اسان جي آهي ته اسان انهن جي سار سنڀال ڪريون. اسان وڻڪار ختم نه، پر ان جي تعداد ۾ اضافو آڻيون. گهٽائڻ جي بدران انهن جي انگن ۾ واڌارو آڻيون ته جيئن اسان جي هيءَ ڌرتيءَ منڙي امڙ سونهن جي سڳنڌ ۾ هر وقت وسندي رهي.

Courtesy, Sindh Beverages

PEPSI

# Sindh Beverages (Pvt) Ltd.

C/7, S.I.T.E. Hyderabad
Ph: 880444-880555, 41163 Fax: 880529

Designing, Composing & Printing By Art Comunications Hyderabad.

# پَڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَئَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَئَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، چاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)